(عربي اردو، سنڌي، گجراتي انگلش، بنگالي ۽ هندي) ۾ شايع ٿيندڙ ڪثيرالاشاعت ميگزين

Faizan-e-Madina | Monthly Magazine | رنگين شماره

ماهوار

# فيضانِ مدينہ

(دعوتِ اسلامي)

اپريل 2026/ذوالقعدة الحرام 1447




- بي ديني جون عياريون
- اسلام جو تربيتي نظام
- اسلام ڪمزورن جو محافظ
- واپار جا احڪام
- قيامت جي اونداهي




# احڪامِ تجارت

مفتي ابو محمد علي اصغر عطاري مدني

## (1): قرض چئي زڪوات ڏيڻ بابت ڪهڙو حڪم آهي؟

سوال: ڇا ٿا فرمائن علماءِ ڪرام هن مسئلي جي باري ۾ ته زيد زڪوات جي مستحق شخص بڪر کي قرض چئي زڪوات جي رقم ڏني، پر ڏيڻ وقت سندس دل ۾ زڪوات ادا ڪرڻ جي نيت هئي ته ڇا زيد جي زڪوات ادا ٿي وئي؟ ۽ جيڪڏهن ڪجهه عرصي کان پوءِ بڪر قرض جي واپسي جي ارادي سان زيد جي ڏنل رقم واپس ڪرڻ چاهي ۽ زيد کي ان وقت پئسن جي ضرورت به هجي، ته ڇا زيد لاءِ اها رقم واپس وٺڻ جائز آهي؟ ڇو ته بڪر ته اها رقم قرض سمجهي ئي ورتي هئي.

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

جواب: پڇا ڪيل صورت ۾ زيد جي زڪوات ادا ٿي وئي آهي، پر زيد لاءِ اها ئي رقم بعد ۾ بڪر کان واپس وٺڻ شرعاً جائز نه آهي.

هن مسئلي جو تفصيل هن ريت آهي ته زڪوات ڏيڻ وقت يا زڪوات لاءِ رقم الڳ ڪرڻ وقت جيڪڏهن دل ۾ زڪوات جي نيت موجود هجي ته زڪوات جي مستحقِ شخص کي اهو ٻڌائڻ ضروري نه آهي ته هيءَ زڪوات جي رقم آهي پر قرض چئي به زڪوات ڏئي سگهجي ٿي ۽ زڪوات ادا ٿي ويندي، ڇو ته شريعت ۾ ڏيڻ واري جي نيت جو اعتبار هوندو آهي، وٺڻ وارو ڪهڙي ارادي سان وٺي رهيو آهي ان جو اعتبار نه هوندو آهي، ها ايترو ضرور آهي ته بعد ۾ شرعي فقير اها رقم واپس ڏيڻ چاهي ته هاڻي زڪوات ۾ ڏنل رقم واپس وٺڻ جائز نه آهي، ڇو جو زڪوات جو مطلب الله پاڪ جي رضا لاءِ

شريعت طرفان مقرر ڪيل مال کي پنهنجو هر قسم جو فائدو ختم ڪري مستحق کي ان جو مالڪ بڻائڻ آهي. تنهنڪري اِهو واضح ٿي ويو ته پڇا ڪيل مسئلي ۾ زيد لاءِ بکر کان اها رقم واپس وٺڻ شرعاً جائز نه آهي.

سيدي اعليٰ حضرت امام اهل سنت امام احمد رضا خان رحمة الله عليه فرمائن ٿا: ”هِن (زڪوات) ۾ صرف نيت جو اعتبار آهي، جيتوڻيڪ زبان سان ڪجھ بيو چئي ڏئي، مثلاً دل ۾ زڪوات جو ارادو ڪيو ۽ زبان سان هِبہ (تحفو) يا قرض چئي ڏني، صحيح مذهب موجب زڪوات ادا ٿي ويندي.“ (فتاويٰ رضويه، 67/10)

فتاويٰ امجديہ ۾ سوال ٿيو ته هڪ شخص ڪنهن مسڪين کي زڪوات جي نيت سان قرض چئي مال ڏنو، ڪافي وقت گذرڻ کان پوءِ اُهو شخص قرض سمجهي واپس ڏيڻ آيو ۽ هاڻي هِي يعني ڏيڻ وارو شخص بہ مفلس آهي، ته ڇا هُو اهو مال واپس وٺي سگهي ٿو؟ ان جي جواب ۾ صدر الشريعہ رحمة الله عليه فرمايو: ”جيئن ته هُن اها رقم زڪوات جي نيت سان ڏني هئي تنهنڪري هاڻي اُها واپس وٺڻ جائز نہ آهي. حديث مبارڪ ۾ فرمايو ويو آهي ولا تعد في صدقتك تنهنڪري ان تي لازم آهي تہ اها رقم واپس ڪري ڇڏي. هاڻي جيڪڏهن هي زڪوات وٺڻ جو مستحق آهي تہ بيئي جي زڪوات وٺي سگهي ٿو، پر جيڪا زڪوات پاڻ ڏني هئائين ان کي واپس نہ ٿو وٺي سگهي. (فتاويٰ امجديه، 389/1)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## (2): ڪرائي دار تي مخصوص ماڻهن جي رهائش جي شرط لڳائڻ

سوال: علماءِ ڪرام هن مسئلي بابت ڇا ٿا فرمائن تہ زيد ٽن ڪمرن ۽ هڪ لاؤنج وارو گهر ڪرائي تي ورتو ۽ ڪرائي تي وٺڻ وقت گهر جي مالڪ اِها شرط رکي تہ هي گهر صرف چئن ماڻهن جي رهائش لاءِ ڏجي ٿو، ان کان وڌيڪ ماڻهو هن ۾ نہ ٿا رهي سگهن تہ جيئن گهر جو رنگ ۽ روغن گهڻي وقت تائين هلي سگهي. هاڻي جيڪڏهن زيد چئن کان وڌيڪ ماڻهن کي ان گهر ۾ رهائي ٿو، جڏهن تہ گهر ۾ انهن جي رهڻ لاءِ جاءِ بہ موجود آهي ۽ بجلي ۽ گئس جا بل بہ زيد پاڻ ڀري رهيو آهي، تہ ڇا زيد گهر جي مالڪ طرفان لڳايل شرط جي خلاف ورزي ڪرڻ سبب گنهگار ٿيندو ۽ ڇا چئن کان وڌيڪ ماڻهن کي رهائڻ سبب زيد تي اضافي ڪرايو ڏيڻ بہ لازم ٿيندو؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

جواب: فقهاءِ ڪرام جي تصريحات موجب ڪرائي تي ڪا شيءِ وٺڻ وارو شخص ان کي معروف طريقي سان استعمال ڪرڻ

۾ آزاد هوندو آهي ۽ ان کي عارضي ملڪيت حاصل ٿيندي آهي. ان ڪري اهڙيون شيون جيڪي مختلف ماڻهن جي استعمال سان مختلف ڪيفيتون اختيار نہ ڪنديون آهن، انهن ۾ اهڙي شرط لڳائڻ تہ ”هيترا ماڻهو استعمال ڪن، ان کان وڌيڪ استعمال نہ ڪن معتبر نہ آهي، بلڪ اهڙي شرط باطل لڪي ويندي آهي. تنهنڪري پڇيل صورت ۾ جيڪڏهن زيد مالڪ جي مقرر ڪيل تعداد کان وڌيڪ ماڻهن کي پاڻ سان گڏ رهائي ٿو تہ ان تي کو اضافي ڪرايو لازم نہ ٿيندو، ڇو تہ اهڙي پابندي لڳائڻ ئي شرعاً غير معتبر آهي. ها اِهو ضرور آهي تہ عرف کان تجاوز نہ ڪري، مثلاً رهائشي گهر کي مسافر خانو نہ ٺاهي ڇڏي جنهن ۾ روز نوان نوان ماڻهو اچي رهندا رهن. اهڙي حالت ۾ مالڪ کي اعتراض ڪرڻ جو حق حاصل آهي، ڇوتہ عام گهر ۽ مسافر خاني جي استعمال ۾ وڏو فرق آهي.

مفتي امجد علي اعظمي رحمۃ اللہ علیہ بهارِ شريعت ۾ لکن ٿا: جن شين جي استعمال ۾ اختلاف نہ هجي، انهن ۾ اهڙي پابندي لڳائڻ تہ فلاڻو شخص استعمال ڪري، بيڪار آهي. جنهن کي متعين ڪيو ويو آهي اهو بہ استعمال ڪري سگهي ٿو ۽ ٻيو بہ. مثلاً گهر ۾ شرط لڳائڻ تہ تون پاڻ رهندين، ٻئي ڪنهن کي نہ رهائيندين يا تون اڪيلو رهندين. اهڙيون شرطون باطل آهن. (بهار شريعت، 129/3)

اهڙي طرح هڪ ٻئي هنڌ لکن ٿا: ”رهائش اهڙي شيءِ آهي جيڪا رهڻ واري جي تبديل ٿيڻ سان مختلف نہ ٿيندي آهي دڪان يا گهر ڪرائي تي ورتو تہ ان ۾ پاڻ بہ رهي سگهي ٿو، ٻئي کي بہ رهائي سگهي ٿو، مفت ۾ بہ رهائي سگهي ٿو ۽ ڪرائي تي بہ رهائي سگهي ٿو، جيتوڻيڪ گهر يا دڪان جي مالڪ چيو هجي تہ تون اڪيلو ئي رهندين“ (بهار شريعت، 122/3)

وَاللہُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُہٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم

## (3): شراڪت ختم ٿيڻ تي شريڪ کان ان جو حصو خريد ڪرڻ

سوال: علماءِ دين ۽ مفتيانِ شرع متين هن مسئلي ۾ بابت ڇا ٿا فرمائن تہ مان هڪ شخص سان ڪنفيڪشنري جو ڪاروبار شراڪت ۾ ڪيو هو. مان اٺويهہ لک روپيا سرمايو لڳايو ۽ شريڪ بہ اوترو ئي رقم لڳائي. نفعي ۽ نقصان ۾ بہ ٻنهي جو هڪ جيترو حصو هو، پر ڪم صرف مان ڪندو هئس ۽ ٻيو شريڪ ڪم نہ ڪندو هو. ڪجهہ عرصي کان پوءِ اسان جي وچ ۾ ڪجهہ اختلاف ٿيو جنهن ڪري منهنجو شريڪ شراڪت ختم ڪرڻ چاهي ٿو ۽ جيڪو شراڪت جو سامان آهي اهو باهمي رضامندي سان مان خريد ڪرڻ چاهيان ٿو. سامان جي ڪل قيمت پنجويهہ

لک روپيا ٿي آهي. ڇا اهو شرعاً جائز آهي؟ ان ۾ شرعاً ڪا قباحت ته نه آهي؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

جواب: جيڪڏهن شراڪت جو سرمايو سامان جي صورت ۾ موجود آهي ۽ ٻئي فريق انهيءَ حالت ۾ ئي شراڪت ختم ڪرڻ چاهين ٿا ته ائين ڪرڻ بلڪل درست آهي. شراڪت جو معاهدو ختم ڪرڻ لاءِ اِهو ضروري نه آهي ته شراڪت وارو مال روڪ رقم ۾ تبديل ٿي وڃي. تنهنڪري پڇا ڪيل صورت ۾ شراڪت ختم ڪرڻ کان پوءِ باهمي رضامندي سان هڪ شريڪ ٻئي شريڪ جو حصو خريد ڪرڻ چاهي ته ٻئي شريڪ کي ان جي حصي جا پئسا ڏئي خريد ڪري سگهي ٿو، ان ۾ شرعاً ڪو حرج نه آهي ۽ شراڪت ۾ نقصان جو اصول هي آهي ته اهو ٻنهي فريقن جي مال جي تناسب سان ورهايو ويندو. جيڪڏهن شراڪت ۾ ٻنهي جو مال برابر هجي (جهڙي طرح سوال ۾ ذڪر ٿيل صورت ۾ آهي) ۽ نقصان ٿيو آهي ته ٻنهي فريقن ۾ برابر ورهايو ويندو.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

# پنھنجن بزرگن کي ياد رکو

ذوالقعدة الحرام اسلامي سال جو يارھون **(11)** مھينو آھي. ھن مھيني ۾ جن اولياءِ ڪرام ۽ علماءِ اسلام جو وصال يا عرس آھي، انھن مان **131** جو مختصر ذڪر ماھوار فيضان مدينہ ذوالقعدة الحرام **1438ھ** کان **1445ھ** تائين جي شمارن ۾ ٿي چڪو آھي، وڌيڪ **12** جو تعارف ھيٺ پيش ڪجي ٿو:

**اولياءِ ڪرام** رحمہم اللہ:

**(1):** بابا ريشي مول صاحب حضرت ھردي حيدر سھروردي ڪشميري رحمۃ اللہ علیہ: پاڻ تارڪ الدنيا، صاحبِ ڪرامت ولي الله ۽ محبوبِ عالم شيخ حمزه مخدوم سھروردي ڪشميري جا مريد ۽ خليفا ھئا. سندن ولادت **29** رجب **909 ھ** ۾ ۽ وصال پھرين ذوالقعده **986 ھ** ۾ ٿيو. مزار مبارڪ اسلام آباد (اننت نگر) ڪشمير ۾ مرجع خلائق آھي.(i)

**(2):** سلطانِ اولياء خواجہ محمد زمان ڪلان صديقي نقشبندي لواري شريف رحمۃ اللہ علیہ: سندن ولادت **21 رمضان 1125ھ** ۽ وصال **4 ذوالقعدة 1188ھ** ۾ ٿيو. سندن عاليشان مزار لواري شريف ضلع بدين، سنڌ ۾ آھي. پاڻ خواجہ ابوالمساڪين مظھر ٺٽوي جا مريد ۽ خليفا، ڪثير الفيض، صاحبِ ڪرامت ۽ مشھور ولي الله ھئا.. سندن مشھور خليفا شيخ عبدالرحيم گرھوڙي ۽ جانشين محبوب الصمد خواجہ گل محمد نقشبندي آھن.(ii)

**(3):** حضرت سيد احمد شاھ مشھدي







قادري رحمۃ اللہ علیہ: صاحبِ ڪرامت ولي الله ھئا. سندن والد جو نالو سيد نور شاھ مشھدي آھي. پاڻ **28 ذوالقعدة 1329ھ** تي وصال فرمايائون. سندن مزار مبارڪ احاطہِ جامع مسجد خضرا (ھري مسجد) نانڪ واڙه، ڪراچي ۾ آھي.(iii)

**(4):** عالمِ رباني مولانا حافظ ميان محمد صادق نقشبندي رحمۃ اللہ علیہ: پاڻ **1366 ھ** ۾ سليمان آباد، تعلقو جنڊ ضلعو اٽڪ ۾ پيدا ٿيا ۽ **17 ذوالقعدة 1436ھ** ۾ وصال فرمايائون. سندن مزار مبارڪ مدرسہ انوار العلوم، قادر آباد تحصيل ڦاليہ ضلع منڊي بھاءُ الدين، پنجاب سان متصل آھي. پاڻ حافظِ قرآن، فاضل دارالعلوم محمديہ نوريہ رضويہ بَکِي شريف، مريد ۽ شاگرد حافظ الحديث علامہ جلال الدين مشھدي، خليفا ميان محمد حيات نقشبندي ننڪاڻوي، باني جامعة الحميرا للبنات قادر آباد ۽ صاحب تقويٰ بزرگ ھئا.(iv)

## علماءِ اسلام رحمهم الله:

**(5): حضرت امام ابو محمد عبدالله بن محمد طائي اندلسي قرطبي** رحمة الله عليه: سندن ولادت **رمضان شريف 603 هه** ۾ ٿي ۽ وصال **11 ذوالقعدة 702 هه** تي ٿيو. پاڻ محدث ۽ مسند عالم ۽ اديب، صدوق ۽ حسن الحديث ۽ علم ۽ عمل جا جامع ۽ فقيھ مالڪي هئا. (v)

**(6): مفتي الڳون حضرت مولانا مفتي ابو التميز عبدالعزيز مجددي** رحمة الله عليه : پاڻ فاضل دارالعلوم حزب الاحناف لاهور، شاگرد امام المحدثين مفتي سيد ديدار علي شاھ محدث الوريٰ ۽ باني مدرسہ عربيہ احياءُ العلوم (جامع مسجد غلہ منڊي بوري والا، ضلعو وِهاڙي پنجاب) هئا. پاڻ **10 ذوالقعدة 1380 هه** مطابق **26 اپريل 1961ع** تي وصال فرمايائون. خليفہءِ قطبِ مدينہ علامہ سيد محفوظ الحق شاھ ضيائي سندن مشهور شاگرد آهن. (vi)

**(7): مولانا تاج الدين احمد عرفاني مجددي** رحمة الله عليه: پاڻ هڪ بلند پايي جا شاعر، بهترين صحافي، ڪيترن ئي ڪتابن ۽ رسالن جا مصنف ۽ صاحبِ ديوان اديب هئا. سندن ولادت **جمادي الاخريٰ 1301 هه** ۽ وصال **3 ذوالقعدة 1378 هه** مطابق **11 مئي 1959ع** تي لاهور ۾ ٿيو. تدفين قبرستان مياني صاحب ۾ احاطہِ علامہ طاهر بندگي مجددي ۾ ٿي. پاڻ ڪيترائي ماهوار ۽ هفتيوار رسالا ۽ روزاني اخبارون جاري ڪيائون، جن ۾ ماهوار المجدد، رسالو قتيل ناز، روزاني امام، هفتيوار انوار الاعظم، اخبار نشتر ۽ اخبار هنٽر شامل آهن. سندن تصنيفن ۾ آفتابِ تاج، بهارِ جاوِدان، انوارِ صديقي، انوارِ فاروقي، هندن سان ترڪِ موالات ۽ تهذيبِ قادياني قابلِ ذڪر آهن. (vii)

**(8): حضرت مولانا محمد نعيم الله خان چپروي** رحمة الله عليه: پاڻ نائب مهتمم دارالعلوم جامعہ حبيبہ الله آباد، سيڪريٽري مسجد اعظم دريا آباد، صاحبِ استقامت، مريد ۽ شاگرد مجاهدِ ملت علامہ حبيب الرحمٰن اِلٰہ آبادي هئا. پاڻ جذبہِ ايماني سان سرشار ۽ آل انڊيا تبليغ سيرت جا ڪارڪن هئا. سندن وصال **5 ذوالقعدة 1382هه** ۾ ٿيو. سندن تدفين قبرستان اِلٰہ آباد (پرياگ راج) يو پي هند ۾ ڪئي وئي. (viii)

**(9): سيد السادات حضرت علامہ مولانا سيد فضل حسين شاھ نقشبندي قادري** رحمة الله عليه: سندن ولادت پنجاب جي شهر گجرات جي ويجهو معين الدين سيدان جي علائقي ۾ تقريباً **1325 هه** ۾ ٿي ۽ اُتي ئي **19 ذوالقعدة 1390هه** ۾ وصال فرمايائون.. سندن تدفين مقامي قبرستان ۾ ٿي. پاڻ جيد عالمِ دين، فاضل دارالعلوم حزب الاحناف لاهور، مريد ۽ شاگرد امام المحدثين مفتي سيد ديدار علي شاھ محدث الوريٰ ۽ ماهوار معين الدين لاهور

جا ايڊيٽر هئا. (ix)

**(10): خطيب العصر حضرت مولانا حافظ محمد مسعود احمد دهلوي** رحمۃ اللّٰہ علیہ: جي ولادت **1325 ھ** ۾ دهلي ۾ ٿي. پاڻ حَسِين ۽ جميل، ذهين ۽ فطين، فاضل دارالعلوم نعيميہ مراد آباد، امام ۽ خطيب صابري مسجد رنڇوڙ لائين مارڪيٽ ايريا ڪراچي ۽ بهترين واعظ هئا. سندن وصال **22 ذوالقعدة 1406 ھ** ۾ ٿيو. تدفين نيو ڪراچي جي قبرستان ۾ ٿي. مشهور عالمِ دين مفتي جميل احمد نعيمي رحمۃ اللّٰہ علیہ سندن نياڻا آهن. (x)

**(11): حضرت مولانا حافظ محمد منظور الحق سيالوي** رحمۃ اللّٰہ علیہ: **سندن** پيدائش **1357ھ** ۾ سڪا ضلعو تله گنگ، پنجاب جي علمي گهراڻي ۾ ٿي. پاڻ دارالعلوم امجديہ ڪراچي مان فارغ التحصيل ٿيا، ڪراچي، دبئي ۽ راولپنڊي ۾ ديني خدمتون سرانجام ڏنائون. سندن وصال **27 ذوالقعدة 1412ھ** ۾ ٿيو ۽ تدفين ولادت واري علائقي ۾ ڪئي وئي. (xi)

**(12): يادگارِ اسلاف حضرت مولانا محمد بشير قادري برڪاتي** رحمۃ اللّٰہ علیہ: پاڻ سيد المحدثين حضرت شاه ابو البرڪات سيد احمد قادري جا مريد ۽ خليفا، دارالعلوم حزب الاحناف جا فارغ التحصيل، خود دار ۽ قناعت پسند، علم ۽ تقويٰ جا جامع ۽ امام ۽ خطيب جامع مسجد حنفيہ رضويہ بوهڙ والي مين بازار ڳڙهي شاهُو لاهور هئا. سندن ولادت ڳوٺ پڙي درويزه ضلعو جهلم پنجاب ۾ **1340ھ** ۾ هڪ ديني گهراڻي ۾ ٿي ۽ لاهور ۾ **12 ذوالقعدة 1424 ھ** تي وصال فرمايائون. سندن تصنيفات ۾ ہ ڪتاب "**رسول اللّٰه** صَلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم **فرمايو**" ۽ "**قرآني دعائون**" (مطبوعہ فيروز سنز لاهور) يادگار آهن. (xii)

---

(i)واقعات کشمیر، تاریخ کشمیراعظمی،ص216، 217،لوح مزار

(ii)تذکرۃ اولیائے کرام نقشبندیہ لواری شریف،ص12تا33

(iii)تذکرہ اولیاء سندھ،93

(iv)حیات صادق از مولاناتصورمدنی،ص 38، 39، 44، 97، 107

(v)الوافی بالوفیات،316/17-الدرر الکامنہ،303/2

(vi)تذکرہ اکابر اہل سنت، ص 234

(vii)تذکرہ شعرائے جماعتیہ، ص70تا74-تاریخ رفتگان، 39/2-معدن التواریخ، ص9

(viii)ماہنامہ پاسبان الٰہ آباد، ہند، ذوالحجہ 1382ھ مطابق مئی 1963ء، ص4تا6

(ix)حیات محدث الوری،ص 452تا456

(x)روشن دریچے، ص91تا104، انوارعلمائے اہل سنت سندھ، ص900تا902

(xi)تذکرہ علمائے اہل سنت ضلع چکوال،ص 117

(xii)حیات محدث الوری،ص 441تا444





شرح حديثِ رسول

# قيامت جي اونداهي

مولانا ابو رجب محمد آصف عطاري مدني

حضرت عبدالله بن عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اَلظُّلْمُ ظُلُمَاتٌ يَوْمَ الْقِيَامَةِ **ترجمو:** ظلم قيامت جي ڏينهن ڪيترن ئي اونداهين جي صورت ۾ هوندو.(i)

حضرت امام بخاري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن روايت کي ڪتاب المظالم ۾ ان ڪري ذڪر ڪيو آهي جو ان ۾ ظلم کي قيامت جي ڏينهن اونداهي قرار ڏنو ويو آهي.

## حديثِ رسول جي شرح

ظالم ظلم جي ڪري هڪ ئي وقت ڪيترن گناهن جو ارتڪاب ڪندو آهي. جيئن الله پاڪ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نافرماني، هڪ ڪمزور مسلمان کي تڪليف پهچائڻ، مثال طور: گاريون ڏيڻ، مارڻ ڪُٽڻ، يا مال وغير کسڻ، يا اُهي سيئي گناهہ هڪ ئي وقت ڪرڻ، جيئن اڪثر ائين ٿيندي ڏٺو ويو آهي. مسلمان جي عزت ۽ آبرو کي خراب ڪرڻ، معاشري ۾ فساد پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ. ان ڪري ان جي سزا اها آهي تہ قيامت جي ڏينهن ظالم جو ظلم ڪيس اونداهي بڻجي گهيري وٺندو.(ii) ظلم اڪثر ان شخص تي ڪيو ويندو آهي جيڪو عام طور تي بدلو وٺڻ جي طاقت نہ رکندو آهي. جن ماڻهن دنيا ۾ ئي توبهہ ڪري تقويٰ جو نور حاصل ڪري ورتو، انهن تان ظلم جي اونداهي دور ٿي ويندي آهي.(iii)

ظلم جي معنيٰ آهي: وَضْعُ الشَّيْءِ فِيْ غَيْرِ مَوْضِعِه يعني ڪنهن شيءِ کي ان جي جاءِ تان هٽائي ٻئي هنڌ رکڻ.(iv) جڏهن تہ شريعت ۾ ظلم مان مراد آهي: ڪنهن جو حق غصب ڪرڻ، ڪنهن شيءِ کي غير جاءِ تي خرچ ڪرڻ، ڪنهن کي بنا ڏوهہ جي سزا ڏيڻ.(v)

## ظلم جون جديد صورتون

مختلف وقتن ۾ ظلم جون مختلف صورتون رائج رهيون آهن، اڄوڪي دور ۾ بہ ظلم جا مختلف انداز اختيار ڪيا پيا وڃن، جن تي شرعي پڪڙ آهي. هيٺ موجوده دور ۾ ظلم جون نمايان صورتون پيش ڪجن ٿيون:

**(1): گهريلو ظلم (Domestic Abuse):**

زال ۽ ٻارن تي جسماني تشدد ڪرڻ يا ڪين ذهني اذيت ڏيڻ جهڙوڪ انهن کي حقير سمجهڻ، پيرسن والدين جي بي قدري ڪرڻ، ننڍن ٻائرن ٻينرن کي تڪليف واري حد تائين دڙڪا ڏيڻ. هي ظلم اڪثر ڪري گهر جي چوديواري جي اندر لِڪي ويندو آهي، ان ڪري ان جي سنگيني اجان وڌيڪ وَڌِي وجي ٿي.

**(2): معاشي ظلم (Economic Exploitation):**

۞ مزدور کي پُوري اجرت نہ ڏيڻ، ۞ طئي ٿيل ڪم ڪان وڌيڪ ڪم وٺڻ ۽ ۞ اجرت نہ ڏيڻ ۞ مزدور جو ڪم گهٽ ڪرڻ ۽ اجرت پوري وٺڻ ۞ وياج جي ڏيتي ليتي ذريعي ضرورت مندن جو استحصال ڪرڻ ۞ ڪرپشن ۽ بدعنواني ڪرڻ وغيره. غربت کي وڌائڻ ۽ طبقاتي فرق کي گهرو ڪرڻ ۾ هي ظلم بنيادي ڪردار ادا ڪري ٿو.

**(3):معاشرتي ظلم (Social Injustice):**

ذات پات يا نسل جي بنياد تي مختلف معاملن ۾ امتيازي سلوڪ ڪرڻ ۞ حقوق العباد پائمال ڪرڻ. هي ظلم انسان جي عزتِ نفس کي مجروح ڪندو آهي ۽ سماج ۾ نفرت کي جنم ڏيندو آهي.

**(4): ڊجيٽل دور جو ظلم:** سوشل ميڊيا جتي سهولتون ڏنيون آهن، اتي ظلم جا نوان رستا بہ کوليا آهن جهڙوڪ ۞ سائبر بُلنگ ۞ آن لائن هِراسان ڪرڻ (خاص طور تي عورتن کي) ۞ ڪُوڙيون خبرون ڦهلائي سماج ۾ پريشاني پيدا ڪرڻ ۞ ذاتي معلومات جو غلط استعمال ڪري ماڻهن کي بدنام ڪرڻ وغيره.

**(5): فقيرن جا ظلم:** اڄ جي دور ۾ پِنَڻ وارا هڪ مافيا جي شڪل اختيار ڪري ويا آهن. تنهڪري فقيرن جي ظلم جون مختلف صورتون رائج آهن.

۞ ننڍڙن ٻارن کي اغوا ڪري ڏورانهن علائقن ۾ کڻي ويندا آهن جتي کو انهن ٻارن کي سڃاڻي نہ سگهي. ٻئي طرف ٻارن جا والدين صدمي ۾ بيحال پنهنجن ٻارن کي ڳولي رهيا هوندا آهن. فقير انهن ٻارن جا هٿ پير وغيره ڀڃي ڪين پنڻ تي لڳائي ڇڏيندا آهن. وقت سان اهي ٻار وڏا ٿي ويندا آهن تہ والدين بہ انهن کي سڃاڻي نہ سگهندا آهن. هن وقت سوشل ميڊيا يوزرز جتي دنيا جهان جون سٺيون ۽ خراب شيون ڏسي رهيا آهن اُهي جيڪڏهن هي مثبت ڪم ڪن جو اهڙا گم ٿيل ٻار جتي بہ ڪين نظر اچن تہ انهن جون تصويرون ڪڍي ٽڪ ٽاڪ، فيسبوڪ ۽ واٽس ايپ گروپن ۾ شيئر ڪن تہ ڏکايل والدين کي سندن ٻار جلد ملي سگهن ٿا. اهڙا ڪيترائي مثال بہ موجود آهن تہ

سوشل ميڊيا جي ذريعي گم ٿيل ٻار پنهنجن والدين کي ملي ويا آهن. اهڙا سوشل ميڊيا يوزرز اِنْ شَاءَ الله ثواب جا حقدار ٿيندا. اهڙا فقير به پنهنجي ظلم ۽ ٻين گناهن کان سچي توبهه ڪن ته قيامت جي اونداهي کان بچي سگهن ٿا.

**(6): دوائون ٺاهڻ وارين ڪمپنين / ليبارٽري وارن جا ظلم:** دوائون ٺاهڻ واريون ڪمپنيون غريب مريضن تي ظلم جا نوان نوان طريقا اختيار ڪنديون آهن جن ۾ لالچي ڊاڪٽر به انهن جا برابر جا حصيدار هوندا آهن. جهڙوڪ: غير ضروري ۽ مهانگيون دوائون لکڻ، مهانگيون ليبارٽري ٽيسٽون ڪرائڻ ۽ مريضن کان پئسا ڪڍڻ لاءِ ٻيا به طريقا استعمال ڪرڻ. ها، خوفِ خدا رکڻ وارن ڊاڪٽرن جي به ڪمي نه آهي، الله پاڪ انهن جي ڪثرت ڪري.

**(7): وڪيلن جا ظلم:** وڪيلَ به ظلم ڪرڻ ۾ ڪنهن کان گهٽ نه آهن. قانوني پيچيدگيون بيان ڪري هرو ڀرو ڪيس کي ڊگهو ڪرڻ ۽ وڏي في گري ڪرڻ، ڪُوڙيون شاهديون ڏياري مخالف ڌُر کي پريشان ڪرڻ. بهرحال سٺن وڪيلن جي به ڪمي ناهي پر اهڙا اٽي ۾ لوڻ برابر آهن!

**(8): حقيقي مستحقن جو حق مارڻ وارا ظالم:**

زڪوٰت جو ڪوڙو مستحق بڻجي اصل حقدارن جو حق مارڻ.

**(9): جانورن تي ظلم:** قرباني جي ڏينهن ۾ بي زبان جانورن کي تڪليف ڏيڻ جا ڪيترائي منظر ڏسڻ ۾ ايندا آهن، مثال طور: **(1):** ننڍي گاڏي ۾ وڏو جانور يا ٿوري جاءِ ۾ گهڻا جانور اهڙي طرح دٻائي ڇڏڻ جو ٽڪجي وڃڻ جي صورت ۾ ويهي به نه سگهن. پڙيءَ ۾ پهچڻ تي جانورن کي گاڏيءَ تان لاهڻ يا چاڙهڻ لاءِ مناسب جاءِ جو انتظام نه هوندو آهي تنهنڪري پنهنجي آساني لاءِ جانورن کي گاڏي مان ٽپا ڏياريا ويندا آهن، جنهن سبب ڪيترائي جانور زخمي ٿي پوندا آهن ۽ قربانيءَ لائق نه رهندا آهن. **(2):** پَڙيءَ جو خرچ بچائڻ لاءِ به بي زبان جانورن کي بکيو رکيو ويندو آهي، هڪ دفعي ڪنهن اُٺُ خريد ڪيو ته وڪڻڻ واري ڪيس ڪَنَ ۾ چيو ته هن کي چارو ڪارائجانءِ هي ڪيترن ئي ڏينهن کان بکيو آهي. **(3):** جڏهن جانور پڙي مان خريد ڪري گهر آندو ويندو آهي ته گاڏي مان لاهڻ وقت ننڍا توڙي وڏا هُل هنگامو ڪري جانور کي پريشان ڪندا آهن ۽ هُن جي ٽهَڻ ۽ ٽپا ڏيڻ مان لطف اندوز ٿيندا آهن، جنهن ڪري ڪيترائي دفعا جانور ڊڄي ڪري ڀڄڻ لڳندو آهي نتيجي ۾ ڪنهن کي زخمي ڪري وجهندو آهي يا ڪنهن کڏي وغيره ۾ ڪِري پنهنجي ڄنگهه

پيجرائي ويهندو آهي. **(4):** ذبح ٿيل جانور جي ٿڌو ٿيڻ کان اڳ ئي ان جا پير ڪٽڻ يا کَل لاهڻ شروع ڪري ڇڏيندا آهن يا ٻڪري جو ڪنڌ پيچي ڇڏيندا آهن يا وري تڙپندڙ جانور جي کل ڇيري ڇُري هٽي دل جون رڳون ڪٽي ڇڏيندا آهن ۽ بي سبب جانور کي تڪليف پهچائيندا آهن.

جانورن تي ظلم ڪرڻ وارا سنڀلجي وڃن ته قيامت جي ڏينهن ان جو حساب ڪيئن ڏئي سگهندا؟ بي زبان جانورن کي بنا سبب جي تڪليف ڏيڻ وارن کي ڊڄڻ گهرجي ته ڪٿي مرڻ کان پوءِ اهي ئي جانور سندن مٿان عذاب لاءِ مسلط نه ڪيا وڃن. امام احمد بن حجر مڪي شافعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: انسان ناحق ڪنهن چوپائي کي ماريو يا بُکَ ۾ اُجَ تي رکيو يا ان کان طاقت کان وڌيڪ ڪم ورتو ته قيامت جي ڏينهن ان کان ان جي برابر بدلو ورتو ويندو. هن تي هيٺين حديث دلالت ڪري ٿي: جيئن ته رحمتِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جهنم ۾ هڪ عورت کي ڏٺو جيڪا لٽڪيل هئي ۽ هڪ ٻلي هن جي منهن ۽ سيني کي پٽي رهي هئي ۽ ان کي اهڙو ئي عذاب ڏئي رهي هئي جئين ان عورت دنيا ۾ قيد ڪري ۽ بکيو رکي ڪيس تڪليف ڏني هئي. هن روايت جو حڪم سيني جانورن جي حق ۾ عام آهي. (vi)

الله پاڪ اسان کي انسانن ۽ جانورن ٻنهي تي ظلم ڪرڻ کان بچائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

(i)بخاري، 127/2، حديث:2447

(ii)ديکهئے: نزہۃ القاری، 668/3

(iii)ديکهئے: کشف المشکل، 560/2

(iv)التعريفات للجر جانی، ص102

(v)مراۃ المناجيح، 669/6

(vi)الزواجر عن اقتراف الکبائر،174/2





اسلاف جي قلم مان

# بي دِيني جون عياريون

صدالافاضل مفتي سيد نعيم الدين مرادآبادي

پردو شريعتِ اسلاميہ جو تمام وڏو احسان آهي. شريعت جو مقصد هي آهي تہ دنيا ۾ نيڪ چال ۽ پاڪبازيءَ کي عام ڪجي ۽ نفس کي حيواني ۽ شيطاني خصلتن کان بچايو وڃي. پاڪيزه اخلاق ۽ پسنديده جذبات سان ان کي زينت ڏني وڃي. ان جي لاءِ ضروري آهي تہ براين ۽ گناهن جي طاقت سان روڪٿام ڪئي وڃي ۽ اهي ذريعا جيڪي گناهن جو سبب بڻجندا آهن ۽ نفس کي هيجان ۾ آڻيندا آهن، انهن جو خاتمو ڪيو وڃي. حقيقت ۾ جڏهن ڪو شخص ڪنهن شيءِ کي روڪڻ چاهي تہ ان تي لازم آهي تہ ان جي محرڪن ۽ ڪشش وارن سببن کي ختم ڪري ڇڏي. موسمي بيمارين ۽ وبائن کان بچڻ لاءِ اڳواٽ ئي صفائيءَ جو انتظام ۽ حفاظتي تدبيرون انهيءَ اصول تحت ڪيون وينديون آهن، جن ميڙاڪن مان امن امان ۾ نقص يا فساد جو انديشو هجي اهڙن گڏجاڻين کي قانون جي خلاف انهيءَ ڪري ئي قرار ڏنو ويندو آهي، مورچن تي جنگي سامان هر وقت انهيءَ ئي مقصد لاءِ تيار رکيو ويندو آهي، اهم هنڌن تي فوجي ڇانوڻيون انهيءَ ئي مقصد لاءِ قائم ڪيون وينديون آهن. هر گهر کي چوديواري ۽ بند ٿيڻ وارا مضبوط دروازا انهيءَ ڪري ئي لڳايا ويندا آهن، خزانن کي تالا لڳائڻ، انهن تي پهريدار مقرر ڪرڻ، عام ماڻهن جي اچ وڃ کي اتي ممنوع قرار ڏيڻ، اهو سڀ دولت جي حفاظت جي لاءِ ئي هوندو آهي. نقصان ڏيڻ وارين شين کان پرهيز انهيءَ لاءِ ئي ڪئي ويندي آهي.

مطلب تہ دنيا ۾ جنهن بہ شيءِ جي حفاظت ڪرڻي هوندي آهي، ان کي هر اهڙي شيءِ کان بچايو ويندو آهي جنهن مان ان کي ڪنهن بہ قسم جو نقصان پهچڻ جو انديشو يا خطرو هجي. پوءِ ڪهڙو سبب آهي جو انسان جي اخلاق ۽ بهترين صفتن جي حفاظت لاءِ شهوت انگيزي جي سببن ۽ گناهن جي محرڪن کي ممنوع قرار نہ ڏنو وڃي؟ عورت ۽ مرد هڪ ٻئي جي لاءِ فطري طور تي مرغوب آهن. حُسن، ادا ۽ سٺو لباس لُڀائيندو آهي . اکيون اکين سان ملي اشارن ئي اشارن ۾ اهڙيون تہ ڳالهيون ڪري وينديون آهن جن کي جيڪڏهن لفظن ۾ ادا ڪيو وڃي تہ صفحن جا صفحا ڀرجي وڃن. جڏهن عورتن کي بي حجاب ڪري ڇڏجي ۽ مردن سان اختلاط ۾ ڪين

ڪا رڪاوٽ بہ نہ هجي تہ پوءِ ڪهڙو سبب آهي جو هن اختلاط مان فساد پيدا نہ ٿئي؟ شهوت پرست انسان جنهن جون نگاهون خيانت جون عادي ٿي ويون هجن ۽ جنهن جي دل ناجائز خواهشن سان پريل رهندي هجي، اهو تہ پردي جي حڪم ۽ اختلاط جي ممانعت کي پنهنجين خواهشن جو خون سمجهندو ۽ ان جو دشمن ٿي پوندو، پر اهو هادي جيڪو انساني بدڪاري کي عيب کان بچائڻ چاهي ٿو، اهو يقيناً فساد جي رستن کي روڪيندو، جنهن شيءِ يا خبر ۾ فساد جو انديشو هجي ان کي ممنوع قرار فرمائيندو.

انهيءَ ئي حڪمت تحت اسلامي شريعت پردي جو حڪم ڏنو تہ جيئن دنيا مان بدڪاري ۽ بدنيتي جو خاتمو ڪيو وڃي ۽ خلق خدا شهوتن جي سمنڊن ۾ غوطا کائڻ کان محفوظ رهي. جيستائين اهڙو انتظام نہ هوندو تيستائين انسان خدا پرستيءَ لاءِ فراغت حاصل نہ ڪري سگهندو. اسلامي شريعت جي هن قانون جو نتيجو اهو نڪتو جو انسانن ۾ پرهيزگاري اچي وئي ۽ قوتون پنهنجي جاءِ تي صرف ٿيڻ لڳيون. بد نيتن سبب جيڪي فساد ۽ خونريزيون ٿينديون هيون انهن کان امن حاصل ٿي ويو. انسان پنهنجي اهل وعيال جا حق ادا ڪرڻ ڏانهن مائل ٿي ويا. خدا پرستي ۽ پرهيزگاري سان گڏوگڏ معاشرت بہ بهتر ٿي وئي ۽ نسل طاقتور پيدا ٿيڻ لڳا. هن قانون جي برڪت سان مسلمانن جا اوقات ضرورتن ۾ صرف ٿيڻ لڳا. صبح شام تفريح گاهن ۾ عورتن ۽ مردن جي هجوم جو هن قانون جي دور ۾ نالو نشان نہ ٿو ملي. نہ ئي عورتون بي پرده گهمي رهيون آهن ۽ نہ ئي ڪنهن جي دل ۾ ديدار جو شوق پيدا ٿي رهيو آهي، نہ ئي ناچ گهر آباد ٿي رهيا آهن ۽ نہ ئي فساد جو باعث بڻجڻ وارا ميڙاڪا ٿي رهيا آهن. انسان هڪ سادي زندگيءَ جي معيار تي آندو ويو آهي. رات پنهنجي گهر ۾ پنهنجي اهل و عيال سان انساني وقار سان گذاري رهيو آهي ۽ صبح جو قرآن پاڪ کڻي ويهي رهيو آهي. عورتون ۽ مرد سڀ تلاوت ۾ مشغول آهن. يادِ الٰهي جو جذبو ۽ ذڪرِ الٰهي جو شوق دلين کي منور ڪري رهيو آهي. ان کان فارغ ٿي معاشي مصروفيتن ۾ ڏينهن گذاري رهيو آهي. ڏينهن جي آخري حصي ۾ جڏهن پنهنجن ڪمن کان فارغ ٿي رهيو آهي تہ مسجد ۾ عصر کان پوءِ اعتڪاف جي نيت سان ويهي رهيو آهي يا پنهنجين رات جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ ۾ مشغول ٿي رهيو آهي. اهڙي طرح سندس رات ڏينهن نهايت پاڪيزگيءَ سان گذري رهيا آهن. عورتون گهرن ۾ پرده نشين آهن. سندن خيال منتشر نہ آهن. اهي خانہ داري ۽ اولاد جي تربيت جي ڪمن ۾ مصروف آهن. عبادتن جا وقت الله پاڪ جي ياد ۾ گذاري رهيون آهن. پنهنجي پاڪائيءَ جو خيال رکي رهيون آهن. سندن محبت جو مرڪز فقط هڪ مڙس ئي آهي

۽ ان ڪري ڪين وڏي نفيس معاشرت ۽ پاڪ ۽ صاف عيش حاصل ٿي رهيو آهي. هن صفت ۾ مسلمان دنيا جي سيني قومن کان الڳ هئا. سندن عورتن جو دامن ڪنهن اک نه ڏٺو هو. سندن زيور جي جهنڪار ڪنهن ڪن نه ٻڌي هئي. سندن نالي کان نا محرم واقف نه ٿي سگهندا هئا. مرڻ کان پوءِ قبر ۾ به پردي جي اهتمام سان لاٿيون وينديون هيون. سندن ٻانهيون به پردو ڪنديون هيون. ٻاهر گهمڻ ڦرڻ وارين عورتن جو ڪين گهرن ۾ اچڻ به ناپسند هو ۽ دنيا جون اهي قومون جن وٽ پردو نه آهي، اُهي مسلمانن کان شرمائينديون هيون ۽ سمجهنديون هيون ته عزت ۽ غيرت مسلمانن جو حصو آهي، ان ۾ ڪو به سندن برابري حاصل نه ٿو ڪري سگهي. پنهنجي حالت تي ڪين شرم ايندو هو. تنهنڪري انهن پردي جي مخالفت ڪرڻ شروع ڪئي ۽ طرح طرح جي پروپيگنڊا ڪرڻ شروع ڪيائون ته جيئن مسلمانن جي اُها عزت ۽ امتياز جنهن جي سامهون دنيا جي قومن کي شرمندو ۽ رسوا ٿيڻو پئجي رهيو آهي، اُها ختم ڪري ڇڏجي. اغيار ته ان ڪوشش ۾ هئا ئي سندن بغض ۽ دشمني سبب ائين ڪرڻ ڪا اچرج جي ڳالهه به نه هئي.

ڪُپڙو ته چاهيندو آهي ته دنيا جا ڍڳهي قد وارا انسان به هُن وانگر ڪُٻا ٿي وڃن، پر ڏک جي ڳالهه اها آهي ته اسان جا جديد تعليم يافته ۽ مغرب پرست نوجوان، دشمن جي هن خواهش کي پورو ڪرڻ لاءِ سندن آلہ ڪار بڻجي ويا آهن ۽ مسلمانن کي غلط رستي تي وٺي وڃڻ جي ڪوشش ۾ سرگرم آهن. انهن کي دشمنن جو رٽايل ناحق ڪلمو ته ياد آهي، پر اهي جذبہءِ خوش اعتقاديءَ ۾ دشمن جي چالبازي ۽ عياريءَ کان بلڪل بي خبر ۽ غافل آهن. شهواني ۽ غيرت سوز، تمنائون انهن سان گڏ آهن ۽ اهي پنهنجين عورتن کي بي پردي ۽ بي حجاب بازارن ۾، تفريح گاهن ۾، ريلوي اسٽيشنن جي پليٽ فارمن تي، ايسيتائين جو ٿيٽرن ۽ سنيمائن ۾ به ساڻ ڪري گهمي رهيا آهن. غير مردن سان سندن هٿ ملرائي رهيا آهن، ان تي وڌيڪ هي ته ڪين لباس به اهڙو پهرائي رهيا آهن جنهن کي جيڪڏهن لباسِ عرياني يا لباسِ بي حيائي چئجي ته غلط نه ٿيندو. آهي ته عورت پر سندس مٿو ڪليل آهي، وار ڪٽيل آهن، سندس چولو بغير ٻانهن وارو آهي جنهن مان ڪارايون ۽ ٻانهون نظر اچي رهيون آهن، ڳلو اهڙي نموني ڪٽيل آهي جنهن مان سينو ۽ ڪجهه حصو عورتاڻي جسم جو ظاهر ٿي رهيو آهي. گوڏن تائين چنگهون به کليل آهن، جن تي جسم جي رنگ جهڙا ريشمي جوراب آهن. هڪ عزتدار عورت جي بي عزتيءَ لاءِ اهو سڀ ڪجهه ڪيو ويو آهي جنهن جو تصور ڪرڻ کان مرڻ وڌيڪ بهتر معلوم ٿيندو هو. ان ۾ شريعتِ مطهره جي صريح مخالفت آهي ۽ غيرت جو ته نالو نشان به باقي نه رهيو جو ماڻهو پاڻ پنهنجين

عورتن کي ساڻ ڪري سَرِ عام گهمي رهيو آهي ۽ دنيا جي بد کان بد شخص کي ان تي نظر وجهڻ جو موقعو فراهم ڪري رهيو آهي. اهڙي ئي منحوس کي ديوث چيو ويندو آهي. ڪيترائي غيرت مند جانور به اهڙي قسم جي بي حيائي نه ڪندا آهن. هن بي غيرتيءَ کي رواج ڏيڻ لاءِ تقريرون تي رهيون آهن، مضمون لکجي رهيا آهن ۽ پردو ٽوڙي ٻاهر نڪرڻ واريون عورتون پردي جي مخالفت ۾ وڏو شور ڪري رهيون آهن. عورتن جي مدرسن ۾ تعليم ڏيڻ واريون عورتون به پردي جون برايون ڇوڪرين جي ذهنن ۾ وجهي حيا جي چادر لاهڻ جي ڪوشش ڪري رهيون آهن.

جيڪي مرد پنهنجي شرم ۽ حيا کي پاسي تي رکي عورتن کي پردي کان ٻاهر ڪڍي آيا ۽ انهن کي بي حجابيءَ جو شڪار به بڻائي ڇڏيائون، اهي چاهن ٿا ته ٻين کي به ان ۾ مبتلا ڪري ڇڏين. تازو ئي هڪ ننڍڙو رسالو ميونسپلٽي مراد آباد ۾ ورهايو ويو آهي، هي رسالو ننڍي سائيز جي **4** صفحن تي مشتمل آهي. لوهه جي اکرن سان ڇپيل آهي. محڪمهءِ صحت جي طرفان ڇپرايو ويو آهي. ان ۾ اڪبر ۽ جميلا جي هڪ ڪهاڻي لکيل آهي ۽ هي ڏيکاريو ويو آهي ته جميلا پردي جي پابنديءَ سبب ٽي ٻِي جي مرض ۾ مبتلا ٿي مري وئي ۽ پنهنجين ڌيئرن کي پردو نه ڪرڻ جي وصيت ڪري وئي. هڪ ته اِها ڳالهه جائز نه آهي ته ڪو سرڪاري محڪمو ڪنهن قوم

جي مذهبي جذبات جي خلاف پروپيگنڊا ڪري ۽ مٿان وري جيڪڏهن اهڙن رسالن جي اشاعت تي عوام جو ئي پئسو خرچ ڪيو وڃي ته اِهو اجان وڌيڪ مذمت لائق آهي. مسلمانن کي گهرجي ته پنهنجيون اکيون کولين ۽ عوام جو پئسو پنهنجي مذهب جي مخالفت ۾ خرچ ٿيڻ نه ڏين.

ٻي ڳالهه اها آهي ته پرده شڪني جهڙي غيرت سوز ۽ حيا جي دشمن مقصد کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ تمام عقلي ۽ شرعي دليلن جي جواب ۾ رڳو ڪهاڻيون ئي تي سگهن ٿيون ۽ جديد تعليم جو بنياد اهي ڪهاڻيون ئي رهجي ويون آهن ۽ اهي به باطل. محڪمهءِ صحت جي طرفان انهن جو شايع ٿيڻ وڌيڪ تعجب خيز آهي ڇاڪاڻ جو صحت جي ماهرن کي اجان تائين اهو معلوم نه ٿي سگهيو آهي ته صدين جا تجربا افسانن ۽ ڪهاڻين سان رد نه ٿيندا آهن. تيرهن سؤ سالن کان مسلمان پردي جا نهايت اهتمام سان پابند آهن. جيڪڏهن پردي جي ڪري ٽي بي جو مرض پيدا ٿئي ها ته پوءِ ضروري هو ته مسلمانن جون سموريون عورتون ٽي بي ۾ ئي مرن ها ۽ مسلمانن جو نسل ڏينهون ڏينهن گهٽجندو وڃي ها، پر ائين نه آهي، معلوم ٿيو ته ڪنهن عورت کي ٽي بي ٿيڻ جو سبب پردي کي قرار ڏيڻ هڪ غلط خيال ۽ اجايو وهم آهي. مسلمانن جون عورتون ته شروع کان ئي پردي جون خواهشمند ۽ عادي

هونديون آهن، انهن کي پردي کان وحشت يا گهٻراهٽ نہ ٿيندي آهي پر پردو ڪين پنهنجي جانِ کان وڌيڪ عزيز ۽ پيارو هوندو آهي ۽ بي پردگي انهن کي موت کان وڌيڪ سخت ۽ ناگوار لڳندي آهي.

انهن کي پردي مان ڪهڙي ٿي بي ٿيندي، جيڪي مرد آهن ۽ شروع کان ئي آزاد گهمڻ جا عادي آهن، جڏهن انهن کي ڏکيون سزائون لڳي وينديون آهن ۽ جيلن ۾ نہ رکو اهي دنيا جي سير ۽ تفريح کان روڪيا ويندا آهن پر عزيزن، رشتيدارن ۽ آل و اولاد کي ڏسڻ لاءِ بہ ترسندا آهن، بدنامي ۽ رسوائي، روزگار جي خرابي، گهر جي ويراني، اهل و عيال جي پريشاني جا غم ساڻن گڏ هوندا آهن. ان مٿان وري مشقتون، جيل جون صعوبتون، وحشت انگيز لباس، زمين تي ويهڻ ۽ سمهڻ، ڪاڏي پيتي جون پابنديون، اهي سڀ شيون گڏجي بہ ٿي بي جو سبب نہ ٿيون بڻجن تہ پوءِ عورتن لاءِ پردو جنهن کي اهي پنهنجي عزت ۽ حرمت سمجهنديون آهن، جنهن ۾ عزيزن ۽ قريبن سان ملڻ، رشتيدارن وٽ اچڻ وڃڻ، شادي غمي ۾ شرڪت ڪرڻ جي ڪا ممانعت بہ نہ هوندي آهي، جنهن ۾ حيثيت آهر آسائش جون شيون بہ موجود هونديو آهن، اهو ڪيئن ٿي بي جو سبب ٿي سگهي ٿو؟ ۽ جيڪڏهن صحت جي ماهرن جي نزديڪ ايتري پابندي بہ ٿي بي جو سبب آهي تہ پوءِ انهن کي گهرجي تہ پهريان گورنمينٽ کان قيد جي سزا کي صحت مخالف ۽ هلاڪت جو سبب ثابت ڪري ختم ڪرائن، ڇاڪاڻ تہ قيد جي سزا ڏيڻ جو مقصد جانِ کي هلاڪ ڪرڻ نہ هوندو آهي. جيڪڏهن اُها جانِ لاءِ خطرناڪ آهي تہ ضرور ختم ڪرڻ گهرجي.

تمام افسوس جي ڳالهہ آهي جو مسلمانن جي اخلاق کي بگاڙڻ لاءِ اهڙين گهٽيا ڪهاڻين کان ڪم ورتو وڃي ۽ ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ اهڙين ڪهاڻين جو پيش ڪرڻ اهل نظر وٽ ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ بي پردگيءَ جي حامين وٽ سندن طريقي تي عمل ڪرڻ جو ڪو دليل موجود نہ آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ ديني تعليم ۽ دينداران جي صحبت کان بي پرواهہ ٿي انسان شهواني قوتن کان ايترو تہ مغلوب ٿي ويندو آهي جو غيرت ۽ عزت ان ۾ باقي نہ رهندي آهي ۽ اهڙي حالت ڪيس بهترين جذبات جي پاسداريءَ کان محروم ڪري ڇڏيندي آهي ان کان علاوه اسان جي نوجوانن کي مسلمانن جي اعتقاد جي پختگيءَ جو بہ ڪجهہ اندازو ڪرڻ گهرجي ڇو تہ اُهي شريعت جي پابنديءَ کي هر شيءِ کان وڌيڪ قيمتي ۽ عزيز سمجهندا آهن. اهي اهڙن وهمن ڏانهن ڪهڙو ڌيان ڏيندا.

(السواد الاعظم، شوال، ذيقعده 1350 هه، ص 2 کان 12)



# اسلام جو تربيتي نظام

مولانا فرمان علي عطاري مدني

تربيت انساني شخصيت کي نِکارڻ، سنوارڻ ۽ وقار بخشڻ جو اهو لازمي عمل آهي، جيڪو انسان جي سوچ ۾ وسعت، عمل ۾ پختگي ۽ اخلاق ۾ خوبصورتي پيدا ڪندو آهي. اِهو ئي اُهو بنياد آهي جنهن تي فرد جي ذاتي ۽ اجتماعي زندگيءَ جي عمارت تعمير ٿيندي آهي. جيڪڏهن تربيت جو دامن خالي هجي تہ صرف ڪتابي علم بہ بي معنيٰ ٿي ويندو آهي، پر جيڪڏهن تربيت سچي، اخلاص سان ۽ صحيح رخ ۾ هجي تہ هڪ اڻ پڙهيل انسان بہ اعليٰ ڪردار جو مالڪ بڻجي، ٻين جي هدايت ۽ رهنمائيءَ لاءِ روشنيءَ جو ذريعو بڻجي سگهي ٿو.

اسلام جيڪو هڪ مڪمل دين آهي، تنهن انسان کي عبادتن جي ادائيگي ۽ عقيدي جي درستگيءَ سان گڏوگڏ زندگيءَ کي سنوارڻ ۽ فلاح جي راهہ ڏيکارڻ وارو هڪ مڪمل نظامِ حيات ڏنو آهي. ان جو تربيتي نظام نہ فقط فرد جي اخلاق ۽ ڪردار کي بهتر بڻائي ٿو، پر ان کي ٻين جي اصلاح ۽ تربيت جو ذريعو بہ بڻائي ٿو تہ جيئن هڪ نيڪ فرد جي ذريعي هڪ بهترين معاشرو وجود ۾ اچي سگهي.

قرآن ڪريم ۽ سنتِ نبوي ۾ اهڙا اصول واضح ڪيا ويا آهن جيڪي انسان کي نيڪي، عدل، ديانت، صبر، حيا ۽ تقويٰ جهڙين اعليٰ صفتن سان آراستہ ڪن ٿا. جيڪڏهن اسان معاشري کي بهتر بڻائڻ چاهيون ٿا تہ سڀ کان پهريان هر فرد کي پنهنجو پاڻ کي درست ڪرڻو پوندو ۽ اِهو ئي تربيت جو حقيقي مفهوم آهي.

اسلامي تربيت انسان جي شخصيت جي روحاني، اخلاقي، فڪري ۽ عملي پهلوئن ۾ نِکار پيدا ڪندي آهي. روحاني تربيت انسان جي دل کي الله پاڪ جي محبت، ان جي رضا ۽ اخلاص سان ڀَري ڇڏيندي آهي، جيئن قرآن پاڪ ۾ ارشاد ٿئي ٿو: ﴿قَدْ اَفْلَحَ مَنْ تَزَكّٰى﴾ ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ جنهن پاڻ کي پاڪ ڪري ورتو اهو ڪامياب ٿيندو.(i) اخلاقي تربيت انسان جي ڪردار کي سچائي، عدل، صبر، حيا ۽ حُسن سلوڪ جهڙين پاڪيزه صفتن سان سينگاري ڇڏيندي آهي. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: مومنن ۾ سيني کان ڪامل ايمان وارو اُهو آهي جيڪو اخلاق ۾ سيني کان سٺو آهي.(ii) فڪري تربيت انسان ۾ عقل ۽ شعور کي بيدار ڪندي آهي ۽ ان کي غور و فڪر، علم ۽ حڪمت ۽ بصيرت جي دولت عطا ڪندي آهي. قرآن ڪريم

اسان کي اِهائي دعوت ڏيندي مختلف جڳهن تي تفکر، تدبر ۽ تعقل جي تعليم ڏئي رهيو آهي عملي تربيت زندگيءَ جي هر ميدان ۾ حسنِ عمل، نظم و ضبط ۽ سنتِ نبوي جي پيروي کي فروغ ڏيندي آهي، تہ جيئن فرد نہ رڳو نظرياتي طور تي پر عملي سطح تي بہ هڪ مفيد، مثبت ۽ باڪردار انسان بڻجي. اِهو ئي جامع تربيتي نظام اسلامي معاشري جو بنياد آهي، جيڪو فرد جي اصلاح کان قوم جي فلاح تائين جو سفر طئي ڪندو آهي.

## اسلامي تربيت جو مقصد

اسلامي تربيت دراصل هڪ اهڙو مڪمل نظام آهي جيڪو انسان کي ان جي اصل فطرت، زندگيءَ جي مقصد ۽ ان جي حقيقي مقام کان آگاهہ ڪري ٿو. اسلام جي مطابق انسان صرف هڪ جاندار نہ پر الله پاڪ جو بندو ۽ ان جي ڏنل ذميوارين جو نگهبان آهي. ان ڪري اسلامي تربيت جو پهريون بنياد اهو آهي تہ انسان جي دل ۾ الله پاڪ جي بندگي ۽ فرمانبرداريءَ جو شعور پيدا ٿئي، تہ جيئن هو پنهنجي زندگي الله پاڪ جي ڏنل احڪامن مطابق گذاري. اسلامي تربيت جتي انسان کي پنهنجي خالق جو فرمانبردار بڻائيندي آهي ۽ نماز، روزو ۽ ٻين عبادتن جو پابند ڪندي آهي، اتي ئي انسان جي اخلاقي، معاشرتي ۽ فڪري شخصيت کي بہ سنواريندي آهي. ان ڪري اسلام سچائي، انصاف، صبر، حيا ۽ امانتداري جهڙين صفتن کي اپنائڻ جي تعليم ڏئي رهيو آهي، جيڪي هڪ سٺي ۽ باڪردار انسان جي سڃاڻپ هونديون آهن. اهڙي طرح اسلامي تربيت انسان جي عقل کي جمود مان ڪڍي علم، غور و فڪر ۽ شعور ڏانهن وٺي ويندي آهي، تہ جيئن هو حق ۽ باطل ۾ فرق ڪري سگهي. روحاني طور تي اِها تربيت انسان کي باطني بيمارين جهڙوڪ حسد، غرور، تڪبر ۽ بدگمانيءَ کان نجات ڏياريندي آهي ۽ ان کي الله پاڪ جي ويجهو ڪري ڇڏيندي آهي. هيءَ تربيت رڳو فرد جي اصلاح تي نہ ٿي رڪجي، پر ان کي هڪ باعمل، نفع بخش ۽ ذميوار شهري بڻائيندي آهي، جيڪو معاشري ۾ ڀلائي، عدل ۽ خيرخواهيءَ جو پيغام کڻي ايندو آهي. آخر ۾ اسلامي تربيت جو اصل مقصد هي آهي تہ انسان دنيا ۾ نيڪي ۽ تقويٰ واري زندگي گذاري ۽ آخرت ۾ الله جي رضا ۽ جنت جي ڪاميابي حاصل ڪري.

## انسان جي فطرت جي مطابق تربيت

اسلام جي تربيتي نظام جي هڪ خوبصورتي ۽ خوبي اها بہ آهي تہ هي دين انسان جي فطرت جي عين مطابق آهي. قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي: ﴿فِطۡرَتَ اللّٰهِ الَّتِیۡ فَطَرَ النَّاسَ عَلَیۡهَا﴾ ترجموڪنزالعرفان: (هي) الله جي پيدا ڪيل فطرت (آهي) جنهن تي ان ماڻهن کي پيدا ڪيو.[iii]

هر ٻار پنهنجي اصل فطرت يعني فطرتِ

سليمر تي پيدا ٿيندو آهي ۽ ان جي طبيعت دين کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار هوندي آهي. جيڪڏهن ان کي ان ئي فطرت تي ڇڏي ڏنو وڃي ته هو ان تي قائم رهندو آهي ۽ ڪنهن ٻئي طرف نه ويندو آهي ڇو ته هي دين اسلام پنهنجي خوبين سبب انسان جي نفس ۾ اڳواٽ ئي موجود هوندو آهي. پر هُو ان کان تڏهن هٽندو آهي جڏهن ڪا انساني آفت يا ڪنهن غلط رسم و رواج جي تقليد ان کي ان راهه تان هٽائيندي آهي.(iv)

معلوم ٿيو ته انسان نيڪي ۽ خير جي رجحان سان گڏ پيدا ٿيندو آهي، جڏهن ته تربيت ان کي بگاڙڻ، سنوارڻ ۽ سٺين ۽ برين عادتن ۽ صفتن کي اپنائڻ جو ڪم ڪندي آهي. سٺي تربيت سٺو ۽ بري تربيت برو اثر پيدا ڪندي آهي.

## سيرتِ نبوي مڪمل تربيتي ماڊل

نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سموري زندگي انسانيت جي لاءِ هڪ مڪمل نمونو ۽ اسلامي تربيت جو زنده ۽ روشن دليل آهي. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قول ۽ فعل، اخلاق ۽ ڪردار ۽ معاملن ۽ تعلقات ۾ اسان کي اهڙي مڪمل رهنمائي ملي ٿي جيڪا انسان کي دنيا ۽ آخرت ۾ ڪامياب بڻائي سگهي ٿي. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو اسوهءِ حسنه هر مسلمان لاءِ اهڙو رستو آهي جيڪو دل کي پاڪيزگي، ڪردار کي بلندي ۽ زندگيءَ کي مقصد عطا ڪندو آهي. قرآن ڪريم ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو: ﴿لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِيْ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ﴾

**ترجموڪنزالعرفان:** بيشڪ توهان جي لاءِ الله جي رسول ۾ بهترين نمونو موجود آهي.(v)

نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قول ۽ فعل ٻنهي طريقن سان تربيت فرمائي. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تربيت ڪرڻ جو طريقو علم ۽ حڪمت، محبت ۽ شفقت، صبر ۽ تحمل ۽ اعليٰ اخلاق جو خوبصورت امتزاج هو. سندن سيرت مبارڪ ۾ اسان کي عملي تربيت جا اهڙا ته روشن پهلو ملن ٿا جن جي تلاش ۾ اڄ جي ترقي يافته ۽ تعليم يافته چورائيندڙ معاشري جا ماهر پٽڪندا رهن ٿا.

هيٺ ان جون ڪجهه جهلڪيون پيش ڪجن ٿيون:

**(1): غلطي ڪرڻ تي نرمي سان اصلاح ڪرڻ:** اسلامي تربيت جو هڪ اهم طريقو هي آهي ته انسان کي نرمي، برداشت ۽ حسنِ اخلاق سان صحيح راهه ڏيکاري وڃي. اسلام ۾ اصلاح جو مقصد ڪنهن کي شرمندو ڪرڻ يا سختي ڪرڻ نه آهي، پر محبت ۽ حڪمت سان دلين کي بدلائڻو آهي. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عمل مان به اهو ئي انداز ثابت آهي ته جيڪڏهن سندن اڳيان ڪو شخص غلطي ڪندو هو ته پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي جهڙڪڻ بدران ڪيس نرميءَ سان سمجهائيندا هئا. جيئن هڪ دفعي هڪ ڳوٺاڻو مسجد ۾ داخل ٿيو ۽ اتي

پيشاب ڪرڻ لڳو. صحابهءِ ڪرام ان کي روڪڻ لڳا ته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّم فرمايو: ”ان کي نه روڪيو، ڪيس ڇڏي ڏيو!“ جڏهن هُو پيشاب ڪري چُڪو ته ڪيس سڏائي فرمايائون: ”هِي مسجدون پيشاب ۽ گندگيءَ لاءِ نه آهن، هِي ته الله پاڪ جي ذڪر، نماز ۽ قرآن جي تلاوت لاءِ آهن.“ [vi] بعد ۾ اُهو اعرابي جڏهن ديني معاملا سمجهي ويو ته چوڻ لڳو: ”نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّم مون ڏانهن تشريف کڻي آيا، منهنجا ماءُ پيءُ انهن تي قربان! انهن نه مون کي جِهڻڪيو ۽ نه ئي مون کي برو ڀلو چيو.“ [vii]

**(2): مرحليوار تربيت:** اسلامي تربيت جو هڪ نمايان اصول هي به آهي ته انسان جي اصلاح ۽ تربيت ۾ تدريجي انداز يعني مرحليوار طريقو اختيار ڪيو وڃي. اسلام انسان جي فطرت، عادتن ۽ نفسيات کي نظر ۾ رکندي اهڙو طريقو اختيار ڪيو جيڪو پائيدار تبديلي پيدا ڪري. يڪدم سختي يا مڪمل تبديلي جو مطالبو ڪرڻ بدران ماڻهن کي آهستي آهستي ڀلائي ڏانهن آندو ويو ته جيئن اُهي دين جي احڪامن تي آساني سان عمل ڪري سگهن. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّم صحابي سڳورن جي تربيت ۾ جلد بازي کان ڪم نه وٺندا هئا پر انهن جي استطاعت، طبيعت ۽ حالتن کي ڏسي مرحليوار تربيت فرمائيندا هئا، جيئن شراب جي حرمت هڪدم نه پر ٽن مرحلن ۾ نازل ٿي. پهريان ان کي نقصان ڪار چيو ويو، پوءِ نشي جي حالت ۾ نماز کان منع ڪيو ويو ۽ آخر ۾ مڪمل حرام قرار ڏنو ويو. هي تدريجي انداز (Gradual approach) انساني نفسيات کي نظر ۾ رکي ڪيو ويو. ان جي باري ۾ امام فخرالدين رازي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نقل ڪن ٿا ته شراب کي مرحليوار حرام قرار ڏيڻ ۾ حڪمت هيءَ هئي ته الله پاڪ کي معلوم هو ته هي ماڻهو شراب نوشي جا تمام گهڻا شوقين آهن ۽ اِن مان ڪين تمام گهڻو نفعو به حاصل ٿيندو آهي، جيڪڏهن ڪين هڪ ئي حڪم سان منع ڪيو ويو ته اِهو انهن کي ناگوار لڳندو، تنهنڪري مٿن شفقت فرمائيندي آهستي آهستي (Gradually) حرمت نازل ڪئي وئي. [viii]

**(3): سوالن ذريعي تربيت ڪرڻ جو حڪمت ڀريو انداز:** اسلامي تربيت جو هڪ تمام مؤثر ۽ حڪمت ڀريو طريقو سوالن ۽ جوابن ذريعي تعليم ڏيڻ آهي. هي طريقو انسان جي توجهه کي مرڪوز ۽ سوچ کي بيدار ڪندو آهي ۽ ڳالهه کي ذهن نشين ڪرائي ڇڏيندو آهي. پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّم صحابه جي تربيت ۾ انهيءَ ئي حڪمت ڀريي انداز کي اختيار فرمائيندا هئا. نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّم سوالن ذريعي نه صرف انهن ۾ دلچسپي پيدا ڪندا هئا پر سندن فهم ۽ شعور کي به جِلا بخشيندا هئا، جيئن هڪ دفعي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّم استفسار فرمايو: ”ڇا توهان کي خبر آهي ته مفلس

کير آهي؟“ ماڻهن عرض ڪيو: ”اسان ۾ ته مفلس اهو آهي جنهن وٽ درهم دينار ۽ مال نہ هجي.“ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ”منهنجي امت ۾ مفلس اهو آهي جيڪو قيامت جي ڏينهن نماز، روزو ۽ زڪوٰت کڻي ايندو پر ان سان گڏوگڏ ڪنهن کي گار ڏني هوندائين، ڪنهن تي زنا جو الزام لڳايو هوندائين، ڪنهن جو مال کاڌو هوندائين، ڪنهن جو خون وهايو هوندائين ۽ ڪنهن کي قتل ڪيو هوندائين، پوءِ هر ڪنهن کي ان جي نيڪين مان ڏنو ويندو، جيڪڏهن سندس نيڪيون ختم ٿي ويون ۽ دعويدار اڃان موجود هوندا ته دعويدارن جي حقن برابر انهن جا گناهہ کڻي هن شخص جي مٿان وِڌا ويندا ۽ کيس جهنم ۾ اڇلايو ويندو.[ix]

**(4) اجتماعي تربيت:** اسلامي تربيت جو هڪ نهايت اهم پهلو اجتماعي تربيت بہ آهي. اسلام رڳو فرد جي اصلاح تي اڪتفا نہ تو ڪري پر ان جو مقصد سڄي معاشري جي فلاح ۽ ڀلائي آهي. نبي ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي عمل سان واضح فرمايو ته هڪ صالح معاشرو تڏهن ئي وجود ۾ ايندو آهي جڏهن فرد سان گڏوگڏ اجتماعي سطح تي بہ عدل، مساوات، اخوت ۽ خيرخواهيءَ جا اصول نافذ ڪيا وڃن. پاڻ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم امت کي هي سبق ڏنو ته مسلمان صرف پنهنجي ذات جا نہ پر سڄي جماعت جا خيرخواهہ هئڻ گهرجن. پاڻ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم صحابہ جي اجتماعي تربيت فرمائيندي صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہ عَنْھُم جي وچ ۾ بہ ڀيرا مواخات يعني ڀائيچارو قائم فرمايو، پهريون دفعو خاص طور تي مهاجرين جي درميان هجرت کان اڳ ۾ جيڪو هڪبئي جي مدد ڪرڻ ۽ دين جا حق قائم ڪرڻ جي باري ۾ هو ۽ ٻيو دفعو جڏهن پاڻ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هجرت فرمائي مدينہ منوره تشريف کڻي آيا ته مهاجرن ۽ انصارن جي وچ ۾ ڀائيچارو قائم فرمايائون.[x]

---

([i])پ 30،الاعلیٰ: 14

([ii])ابو داؤد،4 / 290، حديث: 4682

([iii])پ 21،الروم: 30

([iv])روح البيان،پ21،الروم: 30، 31/7

([v])پ21،الاحزاب: 21

([vi])صحيح مسلم، ص133، حديث:661 ملتقطاً

([vii])ابن ماجہ،300/1 ، حديث529

([viii])تفسير کبير،2/، 396، پ2،البقرة، تحت الآية219

([ix])مسلم، ص1069، حديث:6579

([x])عمدة القاری،8 / 182،تحت الحديث: 1968ملتقطا

اسلام ئي ڇو؟



# اسلام ڪمزورن جو محافظ

دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ جا نگران
مولانا محمد عمران عطاري

اسلام اهڙو ڪامل ۽ اڪمل دين آهي جيڪو طاقتور کي ڪمزورن جي ذميواري سونپي ٿو ۽ ڪمزور کي محفوظ بڻائي ٿو. قرآن ۽ سنت بار بار هن ڳالهه تي زور ڏين ٿا ته معاشري جا طاقتور ماڻهو ڪمزور طبقي وارن جو خيال رکن. اسلام جي تعليمات ۾ الله پاڪ اهڙو اعتدال، تناسب ۽ توازن رکيو آهي جو ڪو به مسلمان ڪنهن ٻئي مسلمان تي يا خدا جي ڪنهن به مخلوق تي ظلم ۽ زيادتي نه ٿو ڪري سگهي. اسلامي تعليمات ۾ ائين هرگز نه آهي ته طاقتور پنهنجي طاقت، قوت، عهدي، منصب، پئسن ۽ بئنڪ بيلنس جي نشي ۾ مست ٿي گهمندو وتي ۽ جنهن کي چاهي قتل ڪري ڇڏي، جنهن کان چاهي ان جو مال ۽ ملڪيت کسي وٺي، جنهن کي چاهي مارَ ڪُٽَ ڪري، جنهن کي چاهي بي عزت ڪري. اِهو سڀ ڪجهه ۽ اهڙو ٻيو به گهڻو ڪجهه جاهليت جي زماني ۾ ته ضرور ٿيندو هو پر اسلام ان قسم جي هر اخلاق کان ڪِريل حرڪت تي نه رڳو پابندي لڳائي پر اهڙن ماڻهن جي لاءِ دنياوي حدود ۽ تعزير ۽ آخرت جي سزا به بيان فرمائي آهي. اسلام ۾ ڪمزورن جي حقن کي تمام گهڻي اهميت ڏني وئي آهي. عام طور تي معاشري جا پٺتي پيل ماڻهو جن ۾ ملازم ۽ نوڪر، ڪمزور ۽ لاچار، بيواهه عورتون، معذور ۽ يتيم، مسڪين، بيمار، غريب ۽ ٻيا ڪمزور طبقن جا ماڻهو شامل آهن، انهن کي نه رڳو نظر انداز ڪيو ويندو آهي پر کين بنيادي انساني حقن کان به محروم ڪيو ويندو آهي. اسلام ۾ هڪ اهڙو منظم نظام موجود آهي جيڪو ڪمزورن جي حفاظت ڪرڻ، انهن جي عزت ڪرڻ، انهن جي مدد ڪرڻ جي ترغيب ڏيارڻ ۽ انهن سان حسن سلوڪ کي ايمان جو حصو قرار ڏئي ٿو. الله ڪريم ۽ سندس پياري حبيب صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بار بار ڪمزورن جي حقن تي زور ڏنو آهي ۽ انهن تي ظلم ڪرڻ کي سخت گناهه قرار ڏنو آهي. هڪ مٿاڇري نظر اسلام کان اڳ واري دور تي وجهبي ته خبر پوندي ته اهو دور ڪمزورن تي ظلم، زيادتي ۽ مادي طاقت جي بالادستي جو دور هو. غلامن تي ظلم ۽ ستم جا اهڙا ته داستان ملندا جن کي پڙهي يا ٻڌي وارَ ڪانڊارجي وڃن، ڪمزور، بيوس ۽ معذور

ماڻهن کي بارُ سمجهيو ويندو هو. اسلام معاشري جي انهن سيني پنتي پيل ماڻهن کي تحفظ فراهم ڪيو، سندن خدمت کي عبادت، انهن سان حسن سلوڪ کي ثواب، سندن ڪم اچڻ کي رزق جي ڪشادگي ۽ ڪاميابيءَ جو سبب قرار ڏنو ته جيئن ڪو انهن کي بارُ نه سمجهي پر پنهنجي دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي ۽ خيرخواهي سمجهي سندن خدمت ڪري، جيئن اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: هَلْ تُنْصَرُونَ وَتُرْزَقُونَ اِلَّا بِضُعَفَائِكُمْ يعني توهان جي ڪمزور ماڻهن جي سبب ئي توهان جي مدد ڪئي ويندي آهي ۽ توهان کي رزق ڏنو ويندو آهي.(i) حضرت علامہ علي بن سلطان قاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حديث پاڪ جي وضاحت ڪندي لکن ٿا: حديث پاڪ جو خلاصو هي آهي ته اي انسانو! دشمنن جي مقابلي ۾ توهان جي جيڪا مدد ڪئي ويندي آهي ۽ مالِ غنيمت وغيره جي صورت ۾ جيڪو توهان کي رزق ڏنو ويندو آهي، اهو انهن غريبن ۽ فقيرن جي برڪت سان ڏنو ويندو آهي جيڪي توهان ۾ موجود آهن، تنهنڪري توهان انهن جي تعظيم ڪندا ڪريو ۽ انهن تي فخر يا وڏائيءَ جو اظهار نه ڪندا ڪريو.(ii) اسلام جي بي مثال تعليمات تي اسان جي جان قربان! ڪيڏي نه پياري انداز سان ڪمزورن جي مدد ڪرڻ جي ترغيب ڏني پئي وڃي ته جيئن ڪمزور ۽ بي پهچ ماڻهن جي مدد بارُ سمجهي نه پر پنهنجي آخرت جي ڀلائي ۽ دنيا جي ترقي سمجهي ڪئي وڃي. اسلام ڪمزورن جو ڪيترو محافظ آهي، ان جو اندازو هن حديث پاڪ مان به لڳائي سگهجي ٿو: حضرت سعد بن ابي وقاص رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي ته رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اِنَّمَا يَنْصُرُ اللّٰهُ هٰذِهِ الْاُمَّةَ بِضَعِيفِهَا بِدَعْوَتِهِمْ وَصَلَاتِهِمْ وَ اِخْلَاصِهِمْ يعني الله ڪريم ڪمزورن جي دعا، انهن جي نماز ۽ سندن اخلاص جي سبب هِن امت جي مدد فرمائيندو آهي.(iii) هيءَ روايت به ڪمزورن جي خيرخواهيءَ جو درس ڏئي رهي آهي. ڪمزور ماڻهن جي دعا، انهن جي نماز ۽ عبادت جي اهميت ان ڪري آهي جو انهن جي عبادت ۽ دعا ۾ تمام گهڻو اخلاص ۽ خشوع هوندو آهي، ڇاڪاڻ ته سندن دليون دنيا جي چمڪ دمڪ ۽ زينت کان خالي هونديون آهن ۽ انهن جو باطن هر ان شيءِ کان پاڪ هوندو آهي جيڪا انهن کي الله پاڪ کان دور ڪرڻ واري هوندي آهي. اهڙي طرح انهن پنهنجو هڪ ئي مقصد بڻائي رکيو هوندو آهي (يعني صرف الله جي رضا). تنهنڪري سندن عمل پاڪيزه ٿي ويا ۽ سندن دعائون مقبول ٿي ويون.(iv) اسلام پنهنجي مڃيندڙن کي ڪمزورن جي حفاظت ۽ خدمت جي ڪيتري ترغيب ڏئي رهيو آهي، اهو هن واقعي مان به چڱيءَ طرح سمجهي سگهجي ٿو. جيئن حضرت

انس رضي الله عنه کان روايت آهي ته اسان جي پياري نبيءِ، رسولِ هاشمي صلى الله عليه وآله وسلم جي مبارڪ زماني ۾ ٻه ڀائر هئا، جن مان هڪ رسول الله صلى الله عليه وآله وسلم جي بارگاهه ۾ حاضر رهندو هو ۽ ٻيو ڪم ڪار ڪندو هو. ڪم ڪار ڪرڻ واري ڀاءُ نبيءِ اڪرم صلى الله عليه وآله وسلم سان پنهنجي ڀاءُ جي (ڪم نه ڪرڻ) جي شڪايت ڪئي ته پاڻ صلى الله عليه وآله وسلم ارشاد فرمايو: لَعَلَّكَ تُرْزَقُ بِهِ يعني توکي شايد ان جي برڪت سان ئي رزق ڏنو پيو وڃي. (v) خيال رهي ته! حضور انور صلى الله عليه وآله وسلم جو "لعل" يعني "شايد" فرمائڻ "شڪ" طور نه هو. ڪريمن جي "شايد" به يقيني بلڪ حَقُّ الْيَقِيْنُ هوندي آهي. (vi) حضرت علامه علي بن سلطان قاري رحمة الله عليه حديث پاڪ جي وضاحت ۾ لکن ٿا ته انهن ٻنهي ڀائرن مان هڪ رسول الله صلى الله عليه وآله وسلم وٽ علم ۽ حڪمت جون ڳالهيون سکڻ ايندو هو ۽ ٻيو ڪم ڪار ڪندو هو ۽ سندن ڪائڻ پيئڻ گڏ هو. ڪم ڪار ڪرڻ واري ڀاءُ رسول الله صلى الله عليه وآله وسلم جي بارگاهه ۾ شڪايت ڪئي ته نه هِي پاڻ ڪمائي ٿو ۽ نه ئي مون سان ڪم ۾ هٿ وَنڊائي ٿو. جنهن تي پاڻ صلى الله عليه وآله وسلم فرمايو: منهنجو گمان آهي ته تنهنجي ڪمائيءَ مان هن کي رزق نه ٿو ملي، بلڪ توکي هن جي سبب رزق ملي رهيو آهي. تنهنڪري تون هِن تي پنهنجي ڪمائيءَ جو احسان نه جتاءِ. (vii)

حضرت علامه محمد بن علان شافعي رحمة الله عليه لکن ٿا: رسول الله صلى الله عليه وآله وسلم سندس ڀاءُ جي طلبِ معاش نه ڪرڻ ۽ ان جي اڪيلي ڪمائڻ تي ڪيس تسلي ڏيندي فرمايو ته ٿي سگهي ٿو ته تنهنجي ڀاءُ جي ڪري تنهنجو ڪم ڪار لاءِ نڪرڻ تنهنجي لاءِ رزق جي آساني جو سبب هجي، جيو ته جيستائين ٻانهو پنهنجي ڀاءُ جي مدد ڪندو رهندو آهي، الله پاڪ ان جي مدد ڪندو رهندو آهي. (viii) شيخ عبدالحق محدث دهلوي رحمة الله عليه لکن ٿا: هيءَ حديث ان ڳالهه تي واضح دليل آهي ته فُقراء خاص طور تي پنهنجن ويجهن رشتيدارن جي ڪفالت ڪرڻ رزق ۾ برڪت جو بهترين ذريعو آهي. (ix) حضرت ابودرداء عويمر رضي الله عنه کان روايت آهي، رسول الله صلى الله عليه وآله وسلم فرمايو: توهان مون کي ڪمزور ۽ ٻيوس ماڻهن ۾ ڳولهيو، جوته توهان جي ڪمزورن جي سبب توهان کي روزي ڏني ويندي آهي ۽ توهان جي مدد ڪئي ويندي آهي. (x) هن حديث پاڪ جو مطلب هي آهي ته اي انسانو! توهان فقراء سان احسان ۽ مظلومن جي مدد ڪري منهنجي رضا ڳولهيو، جو ته توهان ۾ ڪمزور ماڻهن جي موجودگي جي برڪت سان توهان کي حِسي ۽ معنوي (يعني جسماني ۽ روحاني) رزق ڏنو ويندو آهي ۽ توهان جي ظاهري ۽ باطني دشمنن خلاف توهان جي مدد ڪئي ويندي آهي. (xi)

مطلب تہ اسلام اھو دين ڪامل آھي جيڪو طاقت ڪي ظلم جو ذريعو نہ پر ان کي خدا جي امانت بڻائي ٿو. اسلام ڪمزوري کي حقارت نہ پر حفاظت جو مستحق قرار ڏئي ٿو. اڄ جيڪڏھن اسان اجتماعي طور اسلام جي تعليمات جي روح کي تازو ڪرڻ چاھيون ٿا تہ اسان کي ڪمزورن جو آسرو، يتيمن جو سھارو، محتاجن جي اميد ۽ مظلومن جو مددگار بڻجڻو پوندو. ياد رکو! جنھن معاشري ۾ ڪمزور محفوظ ھوندا آھن، اُھو معاشرو الله پاڪ جي مدد، برڪت ۽ رحمت جو مستحق بڻجندو آھي.

اچو تہ عھد ڪريون تہ پنھنجي طاقت، عھدي، منصب، وسيلن ۽ اثر رسوخ کي ڪمزورن جي مدد، انھن جي حقن جي تحفظ ۽ سندن عزتِ نفس جي بحالي لاءِ استعمال ڪنداسين. ڇوتہ معاشري جو امن ڪمزورن جو محافظ بڻجڻ ۾ لڪيل آھي.

---

([i])بخاری،280/2،حدیث:2896

([ii])مرقاۃ المفاتیح، 84/9،تحت الحدیث:5232

([iii])نسائی،ص518،حدیث:3175

([iv])عمدۃ القاری،179/14

([v])ترمذی،154/4،حدیث:2352

([vi])مرأۃ المناجیح،123/7

([vii])مرقاۃ المفاتیح،170/9،تحت الحدیث:5308

([viii])دلیل الفالحین،287/1،تحت الحدیث:84

([ix])اشعۃ اللمعات،262/4

([x])ابو داؤد،46/3، حدیث:2594

([xi])مرقاۃ المفاتیح،99/9، تحت الحدیث : 5246

# چوڪِرَن ۽ چوڪِرِيُن جا 6 نالا



سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ماڻهو پنهنجي اولاد کي سڀ کان پهريون تحفو نالي جو ڏيندو آهي، تنهنڪري ڪيس گهرجي تہ ان جو سٺو نالو رکي.

(جمع الجوامع ، 3/ 285، حديث: 8875)

هتي چوڪرَن ۽ چوڪرِيُن جا 6 نالا انهن جي معنيٰ ۽ نسبت سان پيش ڪجن ٿا.

## چوڪرَن جا 3 نالا

| نالو | پُڪارڻ جي لاءِ | معنيٰ | نسبت |
|---|---|---|---|
| محمد | عاقِب | سيني کان آخر ۾ اچڻ وارو | رسولِ پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو صفاتي نالو |
| محمد | طارِق | روشن ستارو | صحابي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جو بابرڪت نالو |
| محمد | اختر | ستارو | تاجُ الشريعة مفتي اختر رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو نالو |

## چوڪِرِيُن جا 3 نالا

| نالو | معنيٰ | نسبت |
|---|---|---|
| اُمِ سَلَمَہ | اعتراف ڪرڻ واريءَ جي ماءُ | اُمُّ المؤمنين رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جو بابرڪت نالو |
| قِرصافہ | گهُمڻ واري شيءِ | صحابيہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جو بابرڪت نالو |
| سڪينہ | اطمينان | هڪ مشهور صندوق جو نالو جنهن جو ذڪر قرآن پاڪ ۾ بہ آهي |

(جن وٽ پُٽ يا ڌيءُ جي ولادت ٿئي تہ اُهي چاهين تہ انهن نسبت وارن 6 نالن مان ڪو بہ نالو رکي سگهن ٿا)




# سچ جي برڪت

**(The blessing of truth)**

مولانا محمد جاويد عطاري مدني

الله پاڪ جي سچي نبي حضرت محمد صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو آهي: عَلَيْكُمْ بِالصِّدْقِ فَاِنَّ الصِّدْقَ يَهْدِي اِلَى الْبِرِّ وَاِنَّ الْبِرَّ يَهْدِي اِلَى الْجَنَّةِ يعني: توهان تي سچ ڳالهائڻ لازمي آهي، بيشڪ سچ نيڪي ڏانهن وٺي ويندو آهي ۽ نيڪي جنت تائين پهچائيندي آهي.

(مسلم، ص: 1078، حديث: 6639)

پيارا ٻارو! **سچ** جو مطلب آهي ته جيڪا ڳالهه حقيقت ۾ ٿي هجي، اُن کي ئي بيان ڪرڻ. مثال طور: جيڪڏهن غلطيءَ سان ڪا شيءِ اوهان کان ٽُٽِي پئي آهي ته ماءُ يا پيءُ جي پڇا ڪرڻ تي کين ٻڌايو ته "مون کان غلطي ٿي وئي، هيءَ شيءِ مون کان ڀڃي پئي آهي". اِهو سچ آهي. پر جيڪڏهن توهان چئو ته "مون کي خبر نه آهي ته ڪيئن ڀڳي آهي؟" ته اِهو ڪُوڙ آهي.

**سچ** هڪ نيڪي آهي، سچ جنت ۾ وٺي وڃڻ وارو عمل آهي، سچ نجات ڏياريندو آهي، سچ ذهني سڪون جو سبب آهي، سچ انسان کي با اعتماد بڻائيندو آهي، سچ سان گهر ۾ برڪت ٿيندي آهي، سچي ٻار کي سڀ پسند ڪندا آهن ۽ ان تي ڀروسو ڪندا آهن. سچ ڳالهائڻ سان ڪمن ۾ برڪت ٿيندي آهي، سچ ڳالهائڻ سان الله پاڪ ۽ سندس رسول صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم راضي ٿيندا آهن.

## سچي ڌَنار جو واقعو:

هڪ ڏينهن حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا هڪ غلام ڌنار کي ڏٺو، جيڪو ٻڪريون چاري رهيو هو. انهن هُن کي کاڌي کائڻ جي دعوت ڏني ته ڌنار کين جواب ۾ چيو ته: "مون کي روزو آهي". پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا سندس امتحان وٺڻ لاءِ چيو: "هڪ ٻڪري اسان کي وڪرو ڪري ڏي، ان جي قيمت ۽ گوشت به توهان کي ڏينداسين جيڪڏهن مالڪ اوهان کان پڇي ته کيس چئجو ته ٻڪري کي بگهڙ (Wolf) کائي ويو". ٻڪرار فوراً جواب ڏنو: "پوءِ الله ڪٿي آهي؟" (يعني الله ته سڀ ڪجهه ڏسي رهيو آهي، اُن نوجوان جي اهڙي سچائي ڏسي حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا تمام گهڻو خوش ٿيا) بعد ۾ انهن سندس مالڪ کان اُهو ڌنار ۽ سموريون ٻڪريون خريد ڪري ورتيون، پوءِ ان کي آزاد ڪري ڇڏيائون ۽ سيئي ٻڪريون به کيس تحفي ۾ ڏئي ڇڏيائون.

(شعب الايمان، 329/4، حديث:5291)

پيارا ٻارو! اوهان ڏٺو تہ ڪيئن نہ **سچ** جي برڪت سان ٻڪرار کي غلاميءَ کان آزادي ملي ۽ ڪيس دنياوي مال بہ حاصل ٿيو. جيڪڏهن اسان بہ الله ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حڪم تي عمل ڪندي سچ ڳالهايون تہ اسان کي بہ فائدا حاصل ٿيندا، اِنْ شَآءَاللّٰہ.

پيارا ٻارو! اوهان بہ پنهنجي عادت بڻايو تہ هميشہ سچ ڳالهايو. گهر ۾، اسڪول ۾، دوستن سان ۽ راند روند ڪرڻ وقت هر جاءِ تي سچ ڳالهايو. جيڪڏهن هوم ورڪ نہ ڪيو آهي تہ استاد کي سچ ٻڌايو. جيڪڏهن توهان کان ڪا غلطي ٿي وڃي تہ ڊڄو نہ، پر بلڪل سچ ٻڌائي ڇڏيو. چوڻي آهي تہ "سچ جي ٻيڙي لُڏي لُڏي، پر ڪڏهن ڪِين ٻُڏي" يعني سچ ڳالهائڻ واري کي ڪو نقصان نہ پهچندو آهي، اُهو هميشہ محفوظ رهندو آهي. سچ ڳالهائڻ سان دنيا ۽ آخرت جا ڪيترائي فائدا حاصل ٿيندا آهن.

الله پاڪ اسان کي هميشہ سچ ڳالهائڻ ۽ ڪوڙ کان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# ذُوالقَعدةِ الحرام جا ڪجھ اهم واقعا

| تاريخ/مهينو/سال | نالو/واقعو | وڌيڪ معلومات لاءِ پڙهو |
|---|---|---|
| پهرين ذُوالقعدةِ الحرام 321ھ | يومِ وصال حضرت امام ابوجعفر احمد بن محمد طحطاوي رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ | ماهوار فيضانِ مدينہ ذُوالقعدةِ الحرام 1438ھ |
| 2 ذُوالقعدةِ الحرام 1367ھ | يومِ وصال خليفہءِ اعليٰ حضرت، مفتي امجد علي اعظمي رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ | ماهوار فيضانِ مدينہ ذُوالقعدةِ الحرام 1438ھ ڪان 1440ھ تائين ۽ "تذڪرهءِ صدرالشريعة" |
| 8 ذُوالقعدةالحرام 981 ھ | يومِ وصال حضرت علامہ قاري محمد نظامُ الدين بهڪاري رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ | ماهوار فيضانِ مدينہ ذُوالقعدة الحرام 1438ھ |
| 14 ذُوالقعدةِ الحرام 1111ھ | يومِ وِصال حضرت علامہ پير سيد فضل الله ترمذي ڪالپوي رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ | ماهوار فيضانِ مدينہ ذُوالقعدة الحرام 1438ھ |
| 21 ذُوالقعدةِ الحرام 1433ھ | يومِ وِصال محبوبِ عطار، رُڪن شوريٰ حاجي زم زم عطاري | "محبوبِ عطار کی 122 حکایات" |
| 26 ذُوالقعدةِ الحرام 1370ھ | يومِ وِصال حضرت پير سيد جماعت علي شاھ محدث علي پوري رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ | ماهوار فيضانِ مدينہ ذُوالقعدة الحرام 1438ھ ۽ 1439ھ |
| 30 ذُوالقعدة الحرام 1297ھ | يومِ عُرس والدِ اعليٰ حضرت، مفتي نقي علي خان رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ | ماهوار فيضانِ مدينہ ذُوالقعدة الحرام 1439ھ |
| ذُوالقعدة الحرام 5ھ | غزوهءِ خندق و شهداءِ خندق | ماهوار فيضانِ مدينہ ذُوالقعدة الحرام 1438ھ 1439ھ ۽ "سيرتِ مصطفيٰ، ص: 322" |
| ذُوالقعدة الحرام 6ھ | واقعہءِ صُلح حُديبيہ و بيعتِ رضوان | ماهوار فيضانِ مدينہ ذُوالقعدةِ الحرام 1438ھ 1439ھ ۽ "سيرتِ مصطفيٰ، ص: 346" |
| ذُوالقعدةِ الحرام 59ھ يا 61ھ | وصالِ مبارڪ اُمُّ المؤمنين حضرت اُمِ سلمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہَا | ماهوار فيضانِ مدينہ ذُوالقعدةِ الحرام 1438ھ ۽ "فيضانِ اُمهاتُ المؤمنين" |

الله پاڪ جي انهن جي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

"ماهوار فيضانِ مدينہ جا شمارا دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ: www.dawateislami.net تان ڊائون لوڊ ڪري پڙهو ۽ ٻين سان بہ شيئر ڪريو

روشن ستارا



# حضرت سيدنا عبدالرّحمٰن بن عوف رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ

رسول الله صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو هڪ جليل القدر صحابي هڪ ڏينهن ڪاري رنگ جو سوٽي عمامو ٻڌل هو. سرڪارِ نامدار صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم انهن کي گهرايو، سندن عمامو ڪوليائون ۽ پوءِ پنهنجن مبارڪ هٿن سان سندن مٿي تي اهڙي طرح عمامو سجايائون جو چئن آڱرين جيترو يا ان جي لڳ ڀڳ شملو لڙڪايائون. ان کان پوءِ ارشاد فرمايائون: "هن طرح عمامو ٻڌو، چو جو هي وڌيڪ خوبصورت ۽ سهڻو طريقو آهي." (i) ان کان پوءِ اُن صحابيءَ جو معمول ٻڻجي ويو ته جڏهن به ڪين ڪو اهم فيصلو ڪرڻو هوندو هو يا ڪو وڏو معاملو در پيش هوندو هو ته اُن عمامي شريف کي پنهنجي مٿي تي سجائيندا هئا. تنهنڪري جڏهن اُهي ئي صحابي حضرت سيّدنا عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جي خلافت جو اعلان ڪرڻ لاءِ خطبو پڙهي رهيا هئا ته اُن وقت به اُهو ئي عمامو شريف ٻڌو هئائون جيڪو سرڪارِ مدينه صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجن مبارڪ هٿن سان سندن مٿي تي سجايو هو. (ii)

رسول الله صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مبارڪ هٿن سان عمامي شريف جو تاج مٿي تي سينگاريندڙ اُهي جليل القدر صحابي حضرت سيّدنا عبدالرحمٰن بن عوف رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ هئا.

پاڻ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ انهن ڏهن خوشنصيب صحابن ۾ شامل آهن جن کي رحمتِ عالم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ ئي مجلس ۾ جنت جي بشارت عطا فرمائي هئي. هڪ ئي وقت جنت جي خوشخبري حاصل ڪرڻ وارن انهن خوشنصيب صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُم کي "عَشَرهٔ مُبَشَّرہ" چيو ويندو آهي.

**نسب نامو:** پاڻ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جو پورو نالو عبدالرحمٰن بن عوف بن عبد عوف بن عبد بن حارث بن زهره بن ڪلاب بن مره قرشي زهري آهي، جڏهن ته سندن ڪُنيت اَبو محمد آهي. پاڻ قريش جي خاندان بنو زهره سان تعلق رکندا هئا.

**پيدائش:** پاڻ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ عمر ۾ محسنِ ڪائنات، فخرِ موجودات صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان تقريباً ڏهه سال ننڍا هئا. پاڻ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ عام الفيل کان ڏهه سال پوءِ مڪي ۾ پيدا ٿيا، جڏهن ته مڪي مدني سرڪار صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم واقعهءِ فيل واري سال دنيا ۾ تشريف ڪٺي آيا.

**نالو تبديل ڪيو ويو:** حضرت سيدنا عبدالرحمٰن بن عوف رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ پاڻ

فرمائن تا تہ اڳ ۾ منهنجو نالو ”عبد عمرو“ هو، پر جڏهن اسلام جي دولت نصيب ٿي تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم منهنجو نالو تبديل فرمائي ڇڏيو.(iii)

اولاد ۽ ازواج: پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ هڪٻئي پٺيان مجموعي طور اندازاً 15 نڪاح ڪيا، جن مان ڪين 20 پُٽ ۽ 8 ڌيئرن جو اولاد ٿيو.(iv)

حليو مبارڪ: پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو جسماني حليو ڪجهہ هن طرح هو: رنگ ڳاڙهاڻ مائل پورو، چهرو چنڊ جيان حسين، ڳَلَ گلاب وانگر نرم ۽ ملائم، اکيون وڏيون ۽ ڊگهن ڇپَرن واريون، نڪ ڊگهو ۽ سهڻو، هٿ ۽ آڱريون پريل سندن ڏاڙهي شريف ۽ مٿي جا وار آخري عمر تائين ڪارا ئي رهيا.(v)

حياتي مبارڪ جون ڪجهہ جهلڪيون: حضرت سيدنا امام ابو نعيم رحمة الله عليه (وفات: 430 ھ) حضرت سيّدنا عبدالرحمٰن بن عوف رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي زندگي مبارڪ جون ڪجهہ جهلڪيون هن ريت بيان ڪن ٿا:

۞ حضرت سيدنا عبدالرحمٰن بن عوف رضی اللہ عنه فراخ دستي ۽ مالداري ۾ بہ سادي زندگي گذاريندا هئا ۞ پنهنجو مال ۽ دولت الله پاڪ جي راهہ ۾ خرچ ڪري ڇڏيندا هئا ۞ مال جي سبب اچڻ واري آزمائش ۽ سرڪشيءَ کان الله تعالىٰ جي پناهہ طلب ڪندا هئا ۞ خوشي هجي يا غمي، هر حال ۾ الله پاڪ سان ئي لنئون لائي رکندا هئا ۞ غريبن ۽ مسڪينن تي پنهنجو مال ۽ دولت لُٽائيندا هئا ۞ فقيرن ۽ نادارن تي خرچ ڪرڻ ۾ مالدارن جي لاءِ هڪ مثال جي حيثيت رکندا هئا.(vi) پاڻ جاهليت جي زماني ۾ بہ شراب کي حرام سمجهندا هئا.(vii)

سخاوت جي ڪجهہ جهلڪيون:

۞ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي زندگي مبارڪ ۾ هڪ ڀيرو پاڻ چار هزار دينار خيرات ڪيائون ۞ هڪ ڀيرو چاليهہ هزار دينار راهِ خدا ۾ ڏنائون ۞ هڪ ڀيرو پنج سو گهوڙا مجاهدن کي ڏنائون ۞ هڪ ڀيرو ڏيڍ هزار اُٺَ راهِ خدا ۾ ڏنائون ۞ وفات وقت پنجاهہ هزار دينار خيرات ڪرڻ جي وصيت ڪيائون ۞ هڪ ڀيري پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ بيمار ٿيا تہ پنهنجي مال جو ٽيون حصو خيرات ڪرڻ جي وصيت ڪيائون پر بعد ۾ شفاياب ٿيڻ کان پوءِ اُهو مال پاڻ ئي خيرات ڪري ڇڏيائون ۞ هڪ ڀيري صحابہ کي فرمايائون تہ جيڪو بہ اهلِ بدر مان آهي، انهن مان هر هڪ کي 400 دينار مان ڏيندس ۞ هڪ ڀيرو هڪ ڏينهن ۾ ڏيڍ لک دينار خيرات ڪيائون، رات جو حساب لڳايائون ۽ پوءِ چيائون: ”منهنجو سمورو مال مهاجرن ۽ انصارن تي صدقو آهي“، ايسيتائين جو

فرمايائون: ”منهنجي قميص فلاڻي کي ۽ منهنجو عمامو فلاڻي کي.“ حضرت جبريل امين عليه السلام حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون: ”يا رسول الله! عبدالرحمٰن جا صدقا قبول ٿيا ڪين بي حساب جنتي هجڻ جي خبر ڏيو.“ ۞ پاڻ رضي الله عنه ٽيهه هزار غلام آزاد ڪيا ۞ اُمّهات المؤمنين جي خدمت ۾ هڪ باغ پيش ڪيائون (جيڪو چار لک درهمن ۾ وڪرو ٿيو).(viii)

**عظيم سعادت:** حضرت مغيره بن شعبه رضي الله عنه کان مروي آهي ته غزوهٔ تبوڪ کان واپسي تي هڪ جاءِ تي شهنشاهِ مدينه، قرارِ قلب و سينه صلّى الله عليه واله وسلم تشريف ڪٺي آيا ته صحابه ڪرام رضي الله عنهم حضرت عبدالرحمٰن بن عوف رضي الله عنه جي اقتدا ۾ نماز فجر ادا ڪري رهيا هئا. هڪ رڪعت مڪمل ٿي چڪي هئي. جڏهن حضرت عبدالرحمٰن بن عوف رضي الله عنه سرڪار صلّى الله عليه واله وسلم جي موجودگي محسوس ڪئي ته پوئتي هٽڻ لڳا، پر پاڻ صلّى الله عليه واله وسلم اشاري سان منع فرمايو. حضرت سيدنا عبدالرحمٰن بن عوف رضي الله عنه نماز جاري رکي ۽ ٻي رڪعت مڪمل ڪري سلام ڦيرايو. سرڪار صلّى الله عليه واله وسلم اُٿي بيٺا ۽ پنهنجي نماز مڪمل فرمايائون.(ix)

**عهدو ملڻ جي خبر تي بيقراري:**

امير المؤمنين حضرت سيّدنا عثمان غني رضي الله عنه کي جڏهن نڪهريءَ جو مرض لڳو ۽ شدت اختيار ڪري ويو ته پاڻ پنهنجي ڪاتب حضرت حمران رضي الله عنه کي گهرائي چيائون: ”مون کان پوءِ مَسندِ خلافت جي لاءِ عبدالرحمٰن بن عوف جو نالو لکو.“ حضرت حمران رضي الله عنه ان حڪم تي عمل ڪرڻ کان پوءِ حضرت عبدالرحمٰن بن عوف رضي الله عنه وٽ ويا ۽ ڪين چيائون ته ”مون وٽِ اوهان جي لاءِ هڪ خوشخبري آهي.“ پاڻ رضي الله عنه پڇيو: ”اُها ڪهڙي آهي؟“ انهن جواب ڏنو: ”امير المؤمنين حضرت سيّدنا عثمان غني رضي الله عنه پاڻ کان پوءِ خلافت لاءِ اوهان جو نالو منتخب ڪيو آهي.“ اِها ڳالهه ٻڌي حضرت عبدالرحمٰن بن عوف رضي الله عنه هڪ دم بيقرار ٿي ويا ۽ مسجدِ نبوي ۾ روضهٔ انور ۽ منبر مبارڪ جي وچ ۾ بيهي هيءَ دعا ڪيائون: ”اي منهنجا مولا! جيڪڏهن واقعي امير المؤمنين پاڻ کان پوءِ مون کي خلافت لاءِ منتخب ڪيو آهي ته مون کي انهن کان پهريان موت عطا فرماءِ.“ سندن اُها دعا قبول ٿي ۽ ڇهن مهينن اندر حضرت عثمان غني رضي الله عنه کان اڳ ئي سندن انتقال ٿي ويو.(x)

**وِصال پُر مَلال:** حضرت عبدالرحمٰن بن عوف رضي الله عنه جو انتقال **31** يا **32 هه** ۾ امير المؤمنين حضرت سيّدنا عثمان غني رضي الله عنه جي دورِ خلافت ۾ ٿيو. انتقال وقت سندن عمر **75** سال هئي. پاڻ

رضي الله عنه جي نمازِ جنازه امير المؤمنين حضرت عثمان غني رضي الله عنه پڙهائي.(xi)

مزار پُر انوار: پاڻ رضي الله عنه جي انتقال وقت اُمّ المؤمنين حضرت سيدتنا عائشہ صديقہ رضي الله عنها کين پيغام موڪليو تہ ”جيڪڏهن توهان چاهيو تہ توهان جي تدفين رسول الله صلى الله عليه وآله وسلم ۽ توهان جي

بن يائرن (يعني صديق ۽ فاروق رضي الله عنهما) جي پاسي ۾ ڪئي وڃي؟“ پاڻ رضي الله عنه جواب ۾ ارشاد فرمايو: ”مان اوهان تي اوهان جو گهر تنگ ڪرڻ نہ ٿو چاهيان. مون عثمان بن مظعون سان عهد ڪيو هو تہ اسان مان جيڪو بہ بعد ۾ وفات ڪندو، اُهو پنهنجي دوست جي پرسان دفنايو ويندو.“

اِهو ئي سبب آهي جو حضرت عثمان بن مظعون ۽ حضرت عبدالرحمٰن بن عوف رضي الله عنهما جون مزارون جنت البقيع ۾ شهزادهءِ رسول حضرت سيّدنا ابراهيم رضي الله عنه جي مبارڪ مُقبري ۾ (گڏو گڏ) موجود آهن. اتي انهن جي زيارت ڪرڻ گهرجي.(xii)

ياد رهي تہ خلافتِ عثمانيہ کان بعد اچڻ واري حڪومت جنت البقيع ۾ بين جاين تي موجود مزارن کي شهيد ڪري ڇڏيو آهي.

---

(i)ديکهيے:شعب الايمان،174/5،حديث:6254

(ii)البداية و النهاية،227/5

(iii)معرفة الصحابة، 130/1، حديث:455، 456

(iv)طبقات ابن سعد،94/3

(v)اسد الغابة ، 500/3

(vi)حلية الاوليا،141/1

(vii)الاصابه،293/4

(viii)مرأة المناجيح، 445/8

(ix)طبقاتِ ابن سعد،95/3، مسلم، ص129، حديث:633

(x)تاريخ ابن عساكر،291/35،292

(xi)معجم كبير،128/1،حديث:262

(xii)الرياض النضره، 314/2

## مال ۽ اسباب جي نقصانن کان حفاظت

دڪان يا گهر يا مال ۽ اسباب تي روزانو

يَا اَللّٰهُ

49 ڀيرا پڙهي دم ڪري ڇڏجي تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الكريم مختلف نقصانن کان حفاظت ٿيندي. (ميڏڪ سوار بڇهو، ص: 26)

(نوٽ: وظيفي جي اول ۽ آخر ۾ هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهڻو آهي)



## عبادت ۽ رياضت جو شوق پيدا ڪرڻ لاءِ

يَا مُحْصِيُ

(اي هر شيءِ کي گهيرو ڪرڻ وارا) جيڪڏهن طبيعت عبادت ڏانهن مائل نہ ٿيندي هجي تہ سمهڻ وقت پنهنجو هٿ سيني تي رکي 7 ڀيرا هي اسم پڙهو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الكريم تمام جلد عبادت ۽ رياضت جو شوق پيدا ٿي ويندو. (مدني پنج سوره، ص: 291)

(نوٽ: وظيفي جي اول ۽ آخر ۾ ٽي ٽي ڀيرا درود شريف پڙهڻو آهي)

## اللہ پاڪ چاهيندو تہ هر ڪم ٿي ويندو

يَا اَللّٰهُ، يَا رَحْمٰنُ، يَا رَحِيْمُ، يَا حَيُّ يَا قَيُّوْمُ

نماز عصر کان پوءِ سج لهڻ تائين

گهندي ڦرندي، اُٿندي ويهندي، ڪم ڪار ڪندي يا صرف ويهي بي شمار ڀيرا پڙهندا رهو، اول، آخر ۽ وچ ۾ درود شريف بہ پڙهي وٺو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الكريم هر ڪم ٿي ويندو. مثال طور: ڪاروبار ترقي ڪري، قرض ادا ٿي وڃي، سٺي نوڪري ملي وڃي، آفيسر يا سيٺ مهربان ٿي وڃي، خانداني جهگڙا ختم ٿي وڃن، پراڻا رُڪيل ڪم ٿي وڃن، رشتن جون رڪاوٽون دور ٿي وڃن، بي اولادي ختم ٿي وڃي، قيدي کي آزادي ملي وڃي، عبادت ۾ دل لڳي، ويزا جو مسئلو حل ٿي وڃي، سَسُ ۽ نُنهَن جو جهيڙو ۽ طلاق جو خطرو ختم ٿي وڃي، زال مڙس جي ناراضگيءَ جو خاتمو ٿي وڃي، جيڪا بہ بيماري هجي ختم ٿي وڃي، شڪ ڪرڻ ۽ وسوسن جي آفت دور ٿي وڃي، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الكريم. (مراد پوري ٿيڻ تائين روزانو هي عمل ڪندا رهو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الكريم جلد ئي ترڪيب بڻجي ويندي)

امير اهل سنت مولانا الياس عطار قادري

14 رمضان 1446ھ 25-3-15

# چند نصيحت آموز ڳالھيون

ڏاڍو ۽ ڏکي زبان عام طور مُنجهي ويندا آهن تنهنڪري ڏاڍو ويڙهي ۽ زبان سنڀالي رکو. (2) شوگر (جي بيماري) منو کائڻ سان ٿيندي آهي، منو ڳالهائڻ سان نہ. (3) جڏهن چاقو، خنجر، تير ۽ تلوار ويهي سوچي رهيا هئا تہ ڪير وڌيڪ سخت زخم ڏيندو آهي تڏهن الفاظ پويان ويهي مسڪرائي رهيا هئا. (يعني لفظن جا زخم سڀ کان سخت هوندا آهن) (4) جن ڳالهين سبب ماڻهو وڙهي ڪري مِٽي جي مٽن هيٺان سمهي پوندا آهن انهن ئي ڳالهين تي ٿوري ئي مٽي وجهي دنيا ۾ سڪون سان زندگي گذاري سگهجي ٿي. (5) فقط ڇريءَ سان ئي نہ بلڪ لفظن سان بہ ذبح ڪيو ويندو آهي، گولي ئي رڳو ماريندي ناهي بلڪ رَوَيّا (يعني غلط ورتاءُ) بہ ماري وجهندا آهن، بيشڪ گولي ۽ ڇُري دنيا کان تعلق ختم ڪرائي ڇڏيندي آهي پر لفظن جا زخم ۽ رَوَيّن جي مار نڙيءَ جو ڦاهو بڻجي نہ جيئڻ ڏيندا آهن نہ مرڻ. (6) تڏهن ڳالهايو جڏهن اوهان جا لفظ اوهان جي خاموشي کان وڌيڪ فائديمند ۽ خوبصورت هجن. (7) طوطو مرچون کائي بہ منو ڳالهائيندو آهي جڏهن تہ انسان ڪڏهن منو کائي بہ ڪَوڙو ڳالهائيندو آهي. (8) منو ڳالهائڻ واري جو "زهر" بہ وڪامجي ويندو آهي جڏهن تہ ڪَوڙو ڳالهائڻ واري جو "شَهد (ماکي)" بہ ناهي وڪامجندو. (9) جهڙي طرح ميوو خريدڻ وقت"مٺي ميوي" جو انتخاب ڪندا آهيون ائين ئي ڳالهائڻ وقت بہ "مٺا ٻول" استعمال ڪندا ڪريو. (10) جهڙي طرح ننڍا ننڍا سوراخ، بند ڪمري ۾ سج نڪرڻ جي خبر ڏيندا آهن، اهڙي طرح ننڍيون ننڍيون ڳالهيون بہ انسان جو ڪردار وڌائيندیون آهن. (11) بيشڪ لفظن جي بہ اهميت هوندي آهي پر ڪڏهن ڪڏهن لَهجن جو اثر تمام گهڻو هوندو آهي. (12) هميشہ "منو" ڳالهايو چو تہ ڪڏهن واپس ونٺو بہ پئي تہ "ڪَوڙو" نہ لڳي. (13) ڪجهہ سوالن جا جواب زبان نہ بلڪ وقت ڏيندو آهي ۽ وقت جيڪي جواب ڏيندو آهي اهي لاجواب هوندا آهن، (14) چوندا آهن: ٿوري ڳالهہ تان تعلق ٽٽي ويو جڏهن تہ ان"ٿوري ڳالهہ" جي پٺيان ڪافي پيرا "گهڻيون ڳالهيون" هونديون آهن ۽ اها ٿوري ڳالهہ اصل ۾ برداشت جي آخري حد هوندي آهي.

فيضانِ مدينہ، محلّہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی، باب المدينہ (کراچی)
UAN: +92 21 111 25 26 92 Ext: 2650 / 1144
Web: www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
Email: feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net
978-969-722-908-6
01130339